# تاريخ ريگستان

(ڀاڱو ٻيو)

رائچند هريجن

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩ھ/١٩٨٨ع

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

# تاريخ ريگستان

(ٻن ڀاڱن ۾ - ڀاڱو ٻيو)

رائچند

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤٠٩هه/١٩٨٨ع

ٻهريون ڇاپو — ١٩٧٥ع — تعداد ١٠٠٠
ٻيو ڇاپو — ١٩٨٨ع — تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: سٺ رپيا
[Price. 60.00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

II

TARIKH-E-REGISTAN Part I (History of the Desert area of the province of Sind in Sindhi. Language).
By: RAICHAND HARIJAN.
Published by: Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Hyderabad, Sind 1988.

هيءُ ڪتاب مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر اور احمد ميمڻ پرنٽ منيجر جي نگراني هيٺ سنڌي ادبي بورڊ آفسيٽ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ ڇپيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ناشر طرفان

تاريخ ريگستان جي پهرئين ڀاڱي جو نئون ايڊيشن حال ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هيءُ ٻئي ڀاڱي جو ٻيو ڇاپو آهي. ڪنهن ڪتاب جو وري ڇپجڻ خود انهيءَ ڪتاب جي مقبوليت جو ثبوت آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جا اهڙا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب آهن جن جي پڙهندڙن، شاگردن، استادن ۽ عالمن طرفان بار بار تقاضا ٿيندي رهي ٿي، ۽ آهي اڻلڀ آهن.

انهن اڻلڀ ڪتابن مان هڪ تاريخ ريگستان (ٻه ڀاڱا) وري حاضر آهي. انشاءَ الله العزيز، باقي ڪتاب پڻ جلد دوباره شايع ڪيا ويندا.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

ڄامشورو
۹- آڪٽوبر ۱۹۸۸ع

يعني جنهن جي مُهڙ سنڌ ڏي آهي. تہ لطيف بہ دعا ۾ پنهي کي پيو ورسائي:

'موهڙي' ماروئڙن کي، واڏائي ڏيج وسي.

لطيف ٿر سان هن ڪري بہ محبت ڪري ٿو، ڇالاءِ تہ ٿر ماروئڙن جو ملڪ آهي. چوي ٿو:

ٿـر ٿـر انـدر ٿـاڪ، عـمـر ماروئڙن جا.

—

پيڻـن پـر هـونـدا، پُـنـگـا پـٽ پـتـار جا.

ٿر ۾ سٽ پُرهين جي ڊيگهہ جيترا کوهہ آهن. تن کي بيان ڪندي فرمائي ٿو:

کوهہ، توهہ، تر، جت سانيڪا ۽ سيٽون.

۽ اهو پڻ لطيف جو ئي ڪمال آهي، جو چند لفظن ۾ ٿر جو سمورو منظر اسان جي اکين اڳيان ٿو آڻي بيهاري. فرمائي ٿو:

ٿـر توهہ، گهر جهوپڙا، پارڻ جنين پُوهہ،

آئـا مينهن ملير تـي، ٿهڪي آتـيـا ٿُوهہ،

رات بہ منهنجي روح، سيئي سجـڻ سـاريـا.

ٿر جي ٿڌي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ واتان چوائي ٿو:

ٿڌي مـٽـي ٿـر جـي، ولـهـيءَ وسـائـيـج.

اوڙڪون اچن تہ ٿر ڪشمير ٿيو پوي ۽ هنڌين ماڳين هڪار ٿئي. چوي ٿو:

پـسـو جا پـڪـن ۾، ڪٿوريءَ خـوشـبـوءِ.

لطيف بہ اهو منظر ڏٺو تہ ٿر جا مارو ۽ پهنوار ڏٿ تي پيا گذر ڪن. چيائين:

ڏٿ چونديندين ڏيهہ ۾، ساڻ سرتين ساڳ.

يـا

هـن مُـنـد مـارو مـنرا، ڪاٿر ۾ خوشحال،

سانئون، سيارڇ، مڪڙي، جيڏيون آئين جال.

اهي سڀ ڳاهه جا قسم آهن، جن جو ذڪر ٿر ۾ اناج وانگر ڪتب ايندو آهي. لطيف سائين ٿر جي غذا لاءِ چوي ٿو:

آئيـن ۽ چاڙهيـ 'ڏٿ' ڏهـاڙي سومرا!
سڱـا ڪيو سيد چئي، 'مالئون' سُڪائين،
منجهان 'لنب' لطيف چئي، چالور ڪيو چاڙهين،
پـلاءُ نـہ پـاڙيـن، عمرا 'آراڙيءَ' سين.

آخر ۾ لطيف سائينءَ جي هن روح پرور وائيءَ تي هن موضوع کي ختم ٿو ڪريان.

ٻُونـد ٻـرهـ جي ٻـهـار لڳـي -
دردونديءَ جـو ديس وسي پيو.
پِٽن پاسي ڪرڙ ڪڪوريا، ڳاهن جي گلزار لڳي.
ڏٺ تہ ڏنارن چوڙيو، ٻڪرن جي پيڪار لڳي...

لطيف سائينءَ جي ٿر جي تهذيب، روايتن، ثقافت ۽ ادب کي سرڳواسي رائچند تاريخ جو ويس ڍڪايو آهي، انڪري ٿر جي تاريخ اسان لاءِ املهہ سرمايو آهي، ۽ هيءُ شاهڪار سنڌي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهي، جنهن جو ڪو نعم البدل ٿي نٿو سگهي. اميد تہ سنڌ جا اديب ۽ عالم هن علمي ڪاوش جو قدر ڪندا. سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب کي شايع ڪري، سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ تي ڇپيل ڪتابن ۾ هڪ معياري ۽ مستند ڪتاب جو اضافو ڪيو آهي.

غلام محمد "گرامي"
ايڊيٽر "مهراڻ" رسالو
سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد، سنڌ.
٢٥- اپريل ١٩٧٥ع

وڏي ارمان جي ڳالهہ آهي جو مصنف هن ڪتاب جو مسودو تيار ڪري جلد ئي وڃي پنهنجي جهان پڌاريو، نہ تہ سندس حياتيءَ ۾ ترتيب متعلق اسان جا مشورا هن ڪتاب کي وڌيڪ سهڻو ۽ واضح بنائين ها. خير، ڌڻي شال رائچند صاحب جي روح کي راحت ۾ رکي. بهرحال، مون لفظ لفظ ڪري سڄو مسودو پڙهيو آهي، تصحيح ڪئي اٿم ۽ جيتريقدر ٿي سگهيو آهي، اوترو اجمال ۽ اختصار کان ڪم ورتو اٿم. مثال طور باب چوڏهين جو عنوان 'زهر چوسڻ' حذف ڪيو ويو آهي ۽ باب پندرهين جي عنوان 'ڏٽ' جا ڏهہ صفحا ڪاٽي، ان اهم عنوان کي وراڪن جي ورن کان بچايو ويو آهي. ڪن عنوانن کي صحيح ڪري لکيو ويو آهي، جيئن باب سترهين جا ڪي عنوان. جتي جتي تحت الحاشيہ نوٽن جي ضرورت محسوس ٿي آهي، اُتي آهي بہ ڏنا اٿم. ماستر صاحب پاڻ ريگستان جو رهواسي هو، انڪري فطري طور سندس زبان جو لهجو بہ اُهوئي ٿريلو رهيو هوندو. اهو اثر ڪتاب جي هرجملي ۾ نمايان آهي، انڪري مون کي هر جملي تي تمام گهڻو توجهہ ڏيڻو پيو آهي.

جيئن مصنف پنهنجي ديباچي ۾ ڄاڻايو آهي تہ "ڪيترا ٿري لفظ، جن جو سنڌي زبان سان تمام ويجهو لاڳاپو آهي ۽ عام طور مروج آهن، سي ڪم آندل آهن. ان خيال سان تہ اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو بہ ٿئي ۽ علم دوست صاحبن کي رس، سواد، مزو ۽ ميٺاج بہ اچي."– اهڙا ٿريلا لفظ ۽ محاورا قائم رکيا ويا آهن، جي واقعي هڪ سنڌيدان لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهن. ان سلسلي ۾ مصنف هڪ قابل داد ڪم هي ڪيو آهي تہ ساري ڪتاب ۾ جن جن شين يا حقيقتن جي پٽار ڏنل آهي، انهن جو هرمعنيٰ ٿري لفظ بہ ڏنو اٿس. واقعي زبان جي ٻروڙڻ ۽ پرائڻ وارن صاحبن لاءِ هي هڪ سهڻو ۽ سونهري قدم کنيو ويو آهي.

هن ڪتاب کي جيڪڏهن حقيقت جي عينڪ سان ڏسبو تہ هيءَ پڌري پٽ ظاهر ٿيندو تہ لائق مصنف پنهنجي وطن جي هرڪا حالت پاڻ ڏسي محسوس ڪري، پوءِ صفحهٔ قرطاس تي آندي آهي. فارسيءَ جي

مشهور مقولي "شنيده ڪئي بود مانند ديده" (يعني ٻڌل ڪو ڏٺل جي قالب ۾ گهڙجي سگهي، هرگز نه!) مطابق هي مصنف جي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي پٽاندر سالن جي لڳاتار محنت جو ثمر آهي، سو بلڪل سڦلو آهي. هرهڪ باب وڏيءَ محنت ۽ سرجوشيءَ سان لکيل آهي ۽ مصنف اها ڀرپور ڪوشش ورتي آهي ته پنهنجي پياري وطن متعلق ڪا به ڳالهه، ننڍي خواه وڏي، وسري نه وڃي. ان ڏس ۾ لائق مصنف واقعي ڪيرون لهڻيون. ادبي نقطهءِ نظر سان باب سترهون ۽ باب اوڻيهون ساراهه جي لائق آهن، جن ۾ مصنف ڪچهري، رهاڻ، پليڪار، ٿر جو شعر، گيت، لوڪ ادب ۽ ٻارڙن جي دنيا جي عنوانن ڪي نهايت سهڻي نموني سان نباهيو آهي. بلاشبه، مصنف جو هيءُ ڪتاب "ٿر جو انسائيڪلوپيڊيا" (دائرة المعارف) آهي، جنهن ۾ هن خطي سان واسطو رکندڙ هر ڳالهه جي تفصيلي معلومات مهيا ڪيل آهي.

محبوب علي چنا

حال وائيس پرنسپال

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج راولپنڊي.

راولپنڊي

٢٤- فيبروري ١٩٦٩ع

قيمتي آهي. ڇاڪاڻ ته اهوئي نئون مواد آهي، جو سنڌي ادب ۽ تاريخ جي موجوده سرمايي ۾ ناياب آهي. ڪيترو نه بهتر ٿئي ها جو لائق مصنف ٿر جي ٻوليءَ ۽ ان جي محاورن، سڪاني گيتن ۽ شعرن تي اچا به تفصيل سان روشني وجهي ها، جنهن لاءِ ڪافي گنجائش موجود هئي. اميد ته مصنف پنهنجي پياري وطن جي انهيءَ ڀڪڙيل ذخيري کي گڏ ڪري اهو نئون ڪتاب جوڙيندو ۽ سنڌي ادب جي سرمايي ۾ هڪ قيمتي اضافو ڪندو."

ان کان پوءِ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب وقت بوقت روبرو تاڪيد ڪندا پئي رهيا ته نه رڳو مٿين ڳالهين بابت پر ٿر جي جديد حالتن بابت پڻ تفصيلي ڪتاب لکي. دراصل، ڊاڪٽر صاحب موصوف جي همت افزائي ئي هن ڪتاب لکڻ لاءِ تحرڪ ڏياريو آهي.

ٿر جو علائقو جيتوڻيڪ جاگرافيائي طور سنڌ جو ڀاڱو آهي، مگر هتي جون حالتون بنهه اور قسم جون آهن. اڄ جڏهن وڏن شهرن ۾ ايندو آهيان، تڏهن اتي جا دوست- جن ٿر اڪئين نه ڏٺو آهي-سي ٿر بابت عجيب سوال پڇي ملڪي حالتون معلوم ڪرڻ چاهيندا آهن، ڇو ته انهن جي دل ۾ ٿر متعلق عجيب تصور قائم ٿيل آهي. ٿر-واريءَ جي ڀِٽن سان ڀريل بيابان ۽ ريگستاني علائقو، جتي نڪا ندي ۽ نه واهه، نه ڍنڍ، نه ڍورو. آباديءَ جو سمورو مدار برسات تي، سا به ڪڏهن پوي ته ڪڏهن ڪانه پوي. اونهاري ۾ سخت لُڪون ۽ جهولا لڳن. کوهه نهايت اونها، جن ۾ به کارو پاڻي ۽ اڪثر بستين کان پري پري. مسافريءَ لاءِ اُٺن جو واحد ذريعو ۽ ڀِٽن جي لهه-چڙهه، جنهن جي ڪري بدن ۾ سور پئجيو وڃي. نانگ، بلائون ۽ ڀِٽيون، جن جي ڪري ساهه سدائين مُٺ ۾! ماڻهو ويچارا غريب، سادا، اڻپڙهيل ۽ مالدار، جن جو اٺئي پهر واسطو جهنگ سان. گهر سادا ۽ ڪکن جا، چونرا ۽ چونڪيون، لانيون ۽ لوڙها. کاڌي ۾ ٻاجهر جو ڍوڍو ۽ لسي اپ ۽ وقتي ڏٿ تي گذران. نه شهري زندگيءَ جون

۽ مطالع جي مدد سان لکڻ ايترو موثر ۽ بهتر نٿو ٿئي، جيترو ڪنهن ماحول ۽ ماڳ کي روبرو وڃي اکين سان ڏسي مشاهدو ڪري، پوءِ قلم ڪجي. پڙهندڙن کي چڱيءَ پر محسوس ٿيندو ته هن ڪتاب لکڻ لاءِ مطالعي جي ڀيٽ ۾ مشاهدي جي وڌيڪ ضرورت پيش رهي آهي. آءٌ پاڻ ٿر جو رهاڪو آهيان ۽ ۱۹۲۸ع کان وٺي پرائمري ماستر جي حيثيت ۾ ملازمت ماڻيم، ٿر جي تقريباً سمورن حصن ۾ رهيو آهيان. ٿر جي ڪنڊڪڙڇ جو ذاتي مشاهدو ڪري، اتي جي ماحول جو ورهين جا ورهيه اڀياس ڪيو اٿم. ٿر جي تاريخ ۽ لوڪ ادب سان دلچسپيءَ جي ڪري ٿر جي هر ڳالهه تي هيڪاري وڌيڪ توجهه پئي ڏنو اٿم. پنهنجي ڪوشش موجب جيڪا معلومات حاصل ڪري سگهيو آهيان، سا قلمبند ڪري، سنڌي ادب جي سڄڻن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

ڪنهن به موضوع تي ڪجهه لکڻ بعد اها دعوا ڪرڻ ته هاڻي حد ٿي چڪي آهي، منهنجي خيال ۾ مناسب نه آهي. آءٌ ڪو اديب يا عالم ڪونه آهيان- فقط ٻارن کي پڙهائيندڙ آهيان، سو به ٿر جهڙي علائقي ۾، جتي مطالع ۽ اديبن ۽ عالمن سان ميل ملاقات جا موقعا بلڪل محدود رهيا آهن. هيءَ نمائي پيشڪش فقط وطني حب جي جذبي جو نتيجو آهي، اميد آهي ته ادبي حلقن ۽ پڙهندڙن وٽان ان کي قبوليت جو شرف حاصل ٿيندو.

آخر ۾ آءٌ سنڌ جي عظيم محقق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن صاحب نه صرف مون کي ان موضوع تي قلم کڻڻ لاءِ توجهه ڏياريو، پر آن سان گڏ وقت بوقت مفيد مشورن سان نوازي ڪم لاءِ همٿائيندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ هيءُ ڪتاب مڪمل ڪري سگهيو آهيان.

راڻچند
هيڊ ماستر
گورنمينٽ پرائمري اسڪول
ڇيلهار، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ.

ڇيلهار
۱- مارچ ۱۹٦۸ع

# فهرست


باب ١: ٿر- طبعي ڀاڱا- ٿارڪر جو نالو- ص ١-١٢
ضلعي جو نالو- ضلعي جا ڀاڱا- ايراضي-
حدون- "شاهه" جو ٿر- ٿر جا ڀاڱا-
آب و هوا- تعليم- يونين ڪائونسلون-
پوليس- صحت- ٽپال.

باب ٢: ٿر جون ڀٽون- ڀٽن جا نالا- ڀٽ جا ص ١٣-٤٤
ڀاڱا- ڏهر- زمين جي ٽڪرن جا نالا-
ڀنين جا نالا- ٿر جي واري- پيرين اکاڙو
هلڻ- ڪارونجهر ٽڪري- ريلوي رستا-
لاري رستا- خشڪي رستا- ٿر جي
مسافري- مسافرخانا.

باب ٣: وڏا وڻ- ننڍا وڻ. ص ٤٤-٧٢

باب ٤: ٻوٽا- وڏا ٻوٽا- ننڍا ٻوٽا- ڀاڄيءَ وارا ص ٧٣-٩٢
جهنگلي ٻوٽا- گهرو ٻوٽا.

باب ٥: وليون- ٻوڪيل وليون- ٿر جا ميوا- ص ٩٣-١٠٦
جهنگلي وليون- ڳنڍ واريون وليون.

باب ٦: گاهن جا مختلف قسم. ص ١٠٧-١١٧

باب ٧: ٿر جو آباد ٿيڻ- ٿر ۾ رهندڙ قومون ص ١١٨-١٤٤
(مسلمان، هندو، اڇوت ۽ متفرقه)-
آدمشماري- ٿر جي ٻولي- سنسڪرت لفظ-
ٿر جي مسلمانن جي ٻولي- لفظ متائڻ-
ٿري ٻوليءَ جا خاص لفظ.

باب ٨: ٿر جا ڳوٺ- ڳوٺن جا نالا- واڍيون- ص ١٤٥-١٧٧
گونر- ڍاڻيون- گهر- گهر آڏڻ ۽ رهڻ
لاءِ سوڻ- گهر جي صفائي- گهر جو سامان-

ٻاسڻ برتن- گهرو انتظام- گهرن تي
نشان- گهرو جيوت- ترين جي مشغولي-
ٿري عورتون- ڪپڙا ڌوئڻ- ٿري عورت
جي مڙس سان وفاداري.

ٻاب ٩: پنچاتون- راڄ مهاڄڻ- قومي اڳواڻ- ص ١٧٨-٢٠١
پاڙي جو پٽيل- گوتر ۽ نُکون-
گڏيل ڪٽنب- نياڻين جو اڪلاءُ- شاديءَ
جو رواج- ڇوڪريءَ کي ساهري گهر
م ڪلڻ- ڏورو گيت- ڪنوار آڻڻ-
جيٺري تي جيٺري شادي ڪرڻ- مرد
جي ٻيهر شادي- زال جو وري پرڻجڻ-
ڏيروٽيءَ جو رواج- زال جو درجو-
طلاق جو رواج- مائٽ ۽ اولاد- ننڍا
ٻار- اولاد تي مائٽ جو نالو- اولاد گود
۾ وٺڻ- ٻائرن جي پريت- مائٽن کان
جدا ٿيڻ.

ٻاب ١٠: برسات- برسات لاءِ اڳڪٿيون- برسات ص ٢٠٢-٢٢٨
لاءِ سات سوڻ- چوماسي جي شروعات-
مينهن جو مانداڻ- برسات جو وسڻ- ٿر
جو وسڪارو- ترايون ۽ تلاءُ- ترائن
جو پاڻي.

ٻاب ١١: ٿر جا کوهه- ويريون- زمين جي ص ٢٢٩-٢٤٧
اوڻهائي ۽ متاڇرو- کوهه تيار ڪرڻ-
کوهن مان پاڻي ڪڍڻ- عورتن جو
پاڻي ڀرڻ- ٻوڙڻ- آواڙو- سيترڙي-
پاڻيءَ جا قسم ۽ خاصيتون.

ٻاب ١٢: روينيو سرشتو- زمين ۽ پيدائش- پوک ص ٢٤٨-٢٨٠
جو قسم ۽ طريقو- هارپ تي ٻني- پوک-
پوک جي تياري- هر ڏيڻ- پوک جي
سنڀال- پيل کان بچاءُ- ڪانياٺي- ناٺ-

بينيو- پيچ وجهڻ- لابارو- چونڊو ڪرڻ-
لاس يا آبت- ڪرو ڪٽڻ- آن رکڻ-
ڳوار وڍڻ- فصل ڳڏ ڪرڻ- سيڪڙ
ڪرڻ- پلو وڍڻ- ڏن يا ڪالر.

باب ١٣: جانور- مالدار- ڏڻ ڏارڻ- چراگاهه- ص ٢٨١-٣٣٠
وٿاڻ- سال ڏهڻ- ٻوٽاڙي- چينپڙو-
ڳهاڻ ۽ ٻيلٽي- هيج ڪرائڻ- دونهي
ڪرڻ- مال جون حالتون- مال ڪي
قابو ڪرڻ جا نمونا- مال جو بچاءُ-
ڪٽن ڪي ڳت پڌڻ- ڏنار جو ڏينهن-
مال جي ميڃاڻپ- مال جي چوري-
ڪتا پالڻ- پاڳي يا پيري- مال جو سودو-
ٻڪريون ۽ رڍون ڪترڻ- آنڪوڙو-
مال سان پيدائش- ڏڳا چاڙهيا ڪرڻ-
هرڻ پالڻ- مال جون بيماريون ۽ علاج.

باب ١٤: پکي- گهرو پکي- جهنگلي پکي- ص ٣٣١-٣٦٨
ڪڪڙ پالڻ- تتر پالڻ- جيت- سرندڙ
زهري جيت- پيٽڻ- پيرن وارا زهري.
جيت- آڏامندڙ زهري جيت- پيرن وارا
جيت- آڏامندڙ جيت- برساتي جيت.

باب ١٥: تندرستي- کاڌو- ڏٿ- واهوندو- ص ٣٦٩-٤٠٤
گوشت- ويشنو هندو- ڏڪار- پوشاڪ-
وارن جي سنڀال- تاجوئا- زيور-
مهمان نوازي.

باب ١٦: ڏنڌو ۽ گذران جا وسيلا- ڪاريگريون ص ٤٠٥-٤٢٦
۽ هنر- پاڻ- آڪوارو- معدنيات- لوڻ
جا سن- ڪارخانن لاءِ سهولتون- ٻهراڙيءَ
جو دڪان- آهت- آمدني روانگي-
دولت- قرض- گرويءَ تي قرض-
ڏرتيءَ ٻر ڏن پورڻ.

**باب ١٧:** ڪچهري- بيت- ڪانيون- مڱهڙن جا سخن (چار ئي نه وسرن، پنج ئي پاڙي، پنج ئي نه وسرن، پنج ئي بدنام، ست ٻڪيون سنسار)- ڳجهارتي ڳالهيون- ڳوڙها- ڳجهارتون- رهاڻ- نشو واپرائڻ- مارن جا ڏار ڏار نالا- ٿرين جي پاڻ ۾ پليڪار. ص ٤٢٧-٤٦٣

**باب ١٨:** ٿر جا ميلا- پينگهه لُڏڻ- چيڪلو- رانديون- رانديڪا- راڳ ۽ ساز- ناچ- وهٽن جا سوار- آٺ ۽ گهوڙا گهمائڻ- شڪار- شڪاري ڪتا- تيرڪمان- روڙهو. ص ٤٦٤-٥٠٧

**باب ١٩:** ٿر جو شعر ۽ لوڪ ادب (واقعاتي بيت)- جديد شعر و شاعري- ڳيچ- لوڪ گيت- لوڪ ادب (ڳجهارتي بيت)- ٻارن جي دنيا. ص ٥٠٨-٥٧١

**باب ٢٠:** ڀرم ۽ وهم- قبرپرستي ۽ ٿان- مقام ۽ مسان- مڙدن جو نيڪال- ڀوت ۽ ڀوپا- سوڻ- جهاڙون- هور وجهڻ- سَرودو ڏسڻ- قرباني ڪرڻ- بيمارين ۽ علاج- ٽوڻا، ڦيٿا ۽ ٽوٽڪا. ص ٥٧٢-٦٢٩

**باب ٢١:** هندو مسلم اتحاد- راڄوٽي فيصلو- ادب ۽ حيا- پاڙي جو ننگ- ايمانداري- پٽيل ۽ رسائي- غمي- اوسر يا مارڪو- خيرات، دان ۽ پُنج- پردو- مسجدون- مندر- ٻاهه ٻارڻ- چيٺا گڏ ڪري رکڻ- گوٺيتر- ڳٺڙ جو نمونو- وٽ ۽ ماپا. ص ٦٣٠-٦٥٠

**باب ٢٢:** ٿر جا مکيه شهر ۽ ڳوٺ. ص ٦٥١-٦٥٨

ٿر کي ريگستان بہ چون. ريگ=وَاري، آستان=جاء، واريا سو ملڪ. اهو نالو فقط ڦرهيل طبقي تائين محدود آهي، عام نہ آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي ”ڊيزرٽ“ (Desert) چون.

## طبعي ڀاڱا

سڄو ٿر مکيہ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: هڪڙو ڀٽ (ڀاٽ) يعني واريا سو ملڪ، جنهن ۾ واريءَ جون ڀٽون آهن؛ ٻيو ٻٽ يعني ڏاڍي ۽ سنهين زمين وارو ملڪ، جو آهي ٻارڪر. بقول شاهہ ڀٽائي صاحب:

ڀَٽ ڀري ٻٽ ٿيون، ٻاسي ٻارڪر.

ٻارڪر- هي ننگرپارڪر تعلقي جو ڏاکڻو ڀاڱو آهي. تعلقي جي ڏهن تپن مان فقط ٽي تپا هن ڀاڱي ۾ اچي وڃن ٿا. هن ڀاڱي جي ڊيگهہ ۳۰ ميل ۽ ويڪر ۲۰ ميل آهي. هن ڀاڱي ۾ ڪي ڀٽون آهن، ۽ ٿڪا زمين واريا سي آهي. هتي جي زمين ڪڪري واري، ٻرائين ۽ سنهين مٽاڇري واري آهي. ننگرپارڪر وٽ ڪارونجهر ٽڪري آهي، جا ڪڪڙ جي بيضي وانگر ڦري اچي ٿي ۽ ننگرپارڪر جو شهر جڻ تہ ان جي هنج ۾ آهي. وچ ۾ ماٿريون آهن، ان جي ٻاهرئين گولائي ۲۰ ميل آهي. ڪارونجهر ٽڪريءَ جي چوٽي زمين جي سطح کان هزار فوٽ مٿي آهي. هن ڀاڱي کي اوڀر، ڏکڻ ۽ اولهہ کان ڪڇ جو رڻ آهي، جنهنڪري هي ٽڪرو ٻيٽ وانگر لڳي ٿو.

## پارڪر جو نالو

ٻارڪر ۽ ڪڇ واري ملڪ جي وچ ۾ ڪڇ جو رڻ آهي، جو هن وقت سڪل آهي، مگر اڳي ان ۾ پاڻي هوندو هو، ڪڏهين گهڻو ڪڏهين ٿورو، ۽ اهو پاڻي عربي سمنڊ سان ڳنڍيل هوندو هو، جنهن کي ”ڪاري“ چوندا هئا. ڪڇ سان آمدورفت

● ميرپور خاص سب-ڊويزن: ميرپور خاص، جيمس آباد ۽ ڏگهڙي تعلقا.

● ٿارپارڪر سب-ڊويزن: عمرڪوٽ ۽ سامارو تعلقا.

● ٿر سب-ڊويزن: مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر تعلقا.

تعلقا هيٺئين موجب سرڪلن، تپن ۽ ديهن ۾ ورهايل آهن.

| تعلقو | سرڪل | تپا | ديهون |
|---|---|---|---|
| مٺي | ۵ | ۱۰ | ۴۶ |
| ڇاڇرو | ۶ | ۱۶ | ۴۰ |
| ڏيپلو | ۳ | ۹ | ۴۲ |
| ننگرپارڪر | ۴ | ۱۰ | ۳۸ |
| عمرڪوٽ | ۴ | ۲۰ | ۱۱۲ |

## ايراضي

هونءَ ته بهاولپور، جوڌپور، جيسلمير جا ڪجهه ڀاڱا، سکر ضلعي جا اباوڙو ۽ ميرپور ماٿيلو تعلقا، خيرپور جو اوڀر وارو ڀاڱو، کپرو ۽ عمرڪوٽ تعلقن جا ڪجهه ٽڪرا، ۽ موجوده ٿرپارڪر ضلعي جو ٿر سب-ڊويزن سڄو 'ٿر' آهي، مگر اسين جنهن ڀاڱي جو ذڪر ڪريون ٿا، سو آهي ٿر سب-ڊويزن جا مٺي، ڏيپلو، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر چار تعلقا ۽ عمر ڪوٽ تعلقي جو اوڀر ڀاڱو.

انهيءَ ڀاڱي جي پکيڙ هيٺئين موجب آهي: تعلقو مٺي ۱۵۶۲ چورس ميل، تعلقو ڇاڇرو ۲۷۹۶ چورس ميل، تعلقو ڏيپلو ۱۵۰۳ چورس ميل، تعلقو ننگرپارڪر ۱۶۱۷ چورس ميل، جملي پکيڙ ٿر سب-ڊويزن جي ۷۴۷۸ چورس ميل. تعلقو عمرڪوٽ، جو ٿارپارڪر سب-ڊويزن جو تعلقو آهي، ان جي ڪل پکيڙ ۱۴۶۶ چورس ميلن

سان ١٠١٨ چورس ميل ٿر آهي. الهيءَ حساب سان "ٿر" جي جملي ھڪيڙ ٨٤٩٦ چورس ميل آهي. ڇيري تعلقي جو پٽن وارو ڀاڱو شامل ڪبو تہ جملي ھڪيڙ ١٠٥٤٢ چورس ميل ٿيندي ۽ سڄي ضلعي جي ھڪيڙ ١٣٦٩٠ چورس ميل آهي، جو صوبي سنڌ ۾ ايراضيءَ جي لحاظ کان سڀني ضلعن کان وڏو ضلعو آهي.

## حدون

هن ڀاڱي جي اتر طرف ڀارت جي اڳوڻي جوڌپور رياست وارو ملڪ ۽ ٿرپارڪر ضلعي جو ڇيرو تعلقو؛ اڀرندي ڏي جوڌپور رياست؛ ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ؛ الهندي ڏي ٿرپارڪر ضلعي جو سامارو تعلقو ۽ حيدرآباد ضلعي جو ٽنڊو باگو تعلقو.

## "شاهہ" جو ٿر

شاهہ صاحب ٿر کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي.

● ڪاڇ - ڇاڇري تعلقي جو اتر وارو ڀاڱو آهي.

"ڪاڇ ڪٽيون خاصيون، اچيون اڌ اُڃن،
ڪڏيو ھيرڻ ڪنھن، ملير گهرجي مارئي."

ڊاٽ - ٿر جو وچ وارو ڀاڱو. اهو ٽڪرو وڏو آهي. موجوده ڀيا ٽنڊا ڀاڏا بہ انهيءَ ۾ شمار ٿيل آهن. توري طبعي بناوت جي ڦيرگهير ڪري انهن ٽڪرن تي جدا جدا نالا جهڙوڪ شامروٽي ولگو، مٺراڻو، ڪنڊو ۽ وٽ وغيره رکيا ويا آهن.

ڪجهہ ماڻڌاڻو مکڻي، ڏي وٽين ڊاسي ٿيڊٽ.

● ڀائر - هي ٿر جو ڏکڻ وارو ڀاڱو آهي.

ستي سيئي ساريا، جي ڀائر جا ڀھنوار.

هوا ايندي سا ۽ وڻندڙ ۽ فرحتي هوندي آهي. چوماسو سڄو خاص ڪري جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهينن ۾ ملڪ ۾ ساوڪ هوندي آهي، جنهنڪري آبهوا وڻندڙ، فرحتي ۽ صحت بخش هوندي آهي.

عوام جو گذر ٻهراڙين ۾، جتي کُليل هنڌ، هر وقت تازي هوا، جنهنڪري بيماريون گهٽ ٿين ۽ ماڻهو تندرست گذارين.

## تعليم

ٿر ابتدائي خواه سيڪنڊري تعليم ۾ ڪافي ترقي ڪئي آهي. ٿر جا ڪيترائي ماسٽر ڏاري ۽ ميرپورخاص سب-ڊويزن ۾ ملازم آهن. زناني تعليم ۾ به ٿر اڳتي وک وڌائي آهي، ڇاڪاڻ جو اتي پردي جو رواج ڪونهُ آهي. ڪيترين ٿري ماسترياڻيون ميرپورخاص ۽ ناري ڊويزن ۾ نوڪري ڪن ٿيون.

ٿر جي ڇهن تعلقن مان فقط ننگرپارڪر تعلقي ۾ زوري تعليم آهي. پرائمري مردانا اسڪول ڪافي تعداد ۾ آهن. زنانا اسڪول به آهن. پرائمري اسڪولن ۾ ڇهين درجي سان گڏ اردو به لازمي طور پڙهائي وڃي ٿي. ڇهين درجي سنڌي پاس ڪرڻ بعد انگريزي اسڪولن ۾ داخلا وٺي پڙهبو آهي. انگريزي تعليم ۾ به ٿر اڳتي وک وڌائيندو وڃي ٿو. مٺي، ڏيپلو، ننگرپارڪر، عمرڪوٽ، ڇاڇرو، ڇيلهار، اسلامڪوٽ ۽ ڪٿون ڪوٽ ۾ هاءِ اسڪول؛ ڪانٽيو، جنجهي، گُڙڙا ٻهه ۽ ڪلوئيءَ ۾ مڊل اسڪول آهن.

پرائمري مردانن اسڪولن لاءِ ضلعي جو عملدار ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس ٿرپارڪر آهي، جو ميرپورخاص ۾ رهي ٿو(١). زنانن اسڪولن لاءِ ڊپٽي انسپيڪٽريس آف گرلس

---

(١) ١-جولاءِ ١٩٧٠ع کان ٿر سب-ڊويزن لاءِ الڳ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن جو هيڊڪوارٽر مٺيءَ ۾ آهي.

# باب ٻيو

## ٿر جون ڀٽون

واريءَ جي وڏن دڙن کي ڀٽون چون. ٿري ماڻهو ڀٽ کي ”ڍَڪَ“ به چون. ڪي ڪي تمام اتانهيون ۽ ڊگهيون ڀٽون آهن، جي پري کان جبلن وانگر بيون ڏيکاري ڏين. ڪي وچوليون، جن کي ”دڙو“ چون؛ ڪي اڃا به ننڍيون، جن کي ”دَڙيو“، ”دَڙڪيو“ يا ”ڪبرو“ چون. مطلب ته گهڻن ئي قسمن جون ڀٽون آهن، جن جا وري جدا جدا نالا آهن. ڪٿي هڪٻئي کي ويجهيون ته ڪٿي پري، ڪي ڀڄون سنئيون، ڪي ڏنگيون، ڪي ورن وڪڙن واريون؛ ڪن جي سلامي ڊگهي، جنهنڪري چڙهڻ لهڻ ۾ سهولت ۽ ڪي اڀيڪيريون، جنان ماڻهو ٻُڌا وهٽ چڙهي لهي ڪونه سگهن، اهڙين ڀٽن کي ”اوندڙيو لڪ“ چون. ان تي وري جنهن هنڌ سلامي ڊگهيري هوندي، اتان پاسيرو چڙهبو آهي. برسات پوڻ وقت ڀٽن جي پاسن کان بعضي ڏرڙ ٿيجي ويندا آهن، مٿان بيهي نهاربو ته ڊپ ٿيو ٿيندو. ٿر ۾ اهڙيون وڏيون ڀٽون ڪيئي آهن، جن مان ڪن مکيه ڀٽن جو احوال ڏجي ٿو:

لوڻڪي ڀٽ - ڇاڇري تعلقي ۾ دادلي جي تڙ جي اتر طرف آهي.

ورسروڙي ڀٽ - ساهوءَ جي تڙ جي اوڀر طرف آهي.

ڪاري ڀٽ - ڳوٺ ڀسارٽئي کان اڍائي ميل پري تڙدوس جي الهندي طرف آهي.

ڏنوڙي ڀٽ - ٽکوسر ڳوٺ جي اتر طرف آهي.

ٻوڪاٽي ڀٽ - چارنور ڳوٺ جي اوڀر طرف آهي.

سوڍاچار ۽ سماچار- هي ٻيئي ڀِٽون هڪٻئي کي ويجهيون، ڳوٺ ڇيلهه جي اوڀر طرف آهن.

گولا ڀٽ- ڳوٺ ڏوُڙئي جي اتر طرف ميل کن ڀنڊ تي آهي.

ڪانڪَهَه ڀٽ- رانجهي خان نُون جي تڙ کان ڏکڻ طرف آهي.

ڏوهيري ڀٽ- ڳوٺ ڇيلهار جي ڏکڻ طرف چار ميل کن ڀنڊ تي آهي.

ٻاتا ڀٽ- ڳوٺ ڪانئٺي کان ايرندي طرف ڇاڇري ويندڙ رستي تي آهي.

عالمَ سرَ ڀٽ- ڳوٺ عالم سر، تعلقي مٺي جي ڏکڻ طرف آهي.

انهن کان سواءِ ساڃي ڀٽ، مهڪي جي ڀٽ، اَٺ ٽنبي، ارٻياري جي ڀٽ، ليتاري، ڳينڊ، گڏهه ٻنو، روٽاڀر، مانگر، روجهڙو، ڏاربندڙو ڀٽ، ويراڙو، گنگاسرو ڀٽ، گوگٽياري ڀٽ، لورياري ڀٽ ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي ڀِٽون آهن.

جيئن مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته ڀٽ کي لڪ به چون، ان ڪري ڪي ڀِٽون وري انهيءَ نالي سان سڏبيون آهن. مثلاً:

گاڏي وارو لڪ- مٺي کان اولهه طرف ٻه ميل، نئين ڪوٽ- مٺي رستي تي آهي.

مورَ لڪ- عمرڪوٽ- ڇيلهار رستي تي آهي.

اَٺ لڪ- نبيسر جي ڀرسان آهي.

ڪاسائيءَ وارو لڪ- ڇيلهه جي ڀرسان آهي.

ٽوهَرن وارو لڪ- مٺيءَ کان اتر- اوڀر طرف ڇيلهار ڏي ويندڙ رستي تي آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي لڪ آهن.

ڪن ڀِٽن جي وچ ۾ ڪو هنڌ اوچو ڇوٽيءَ سان، يا ڪي ڀِٽون چوٽيءَ سان ٽينديون آهن، اهڙي چوٽيءَ کي ”ٽونڪ“ چون ۽ ڀٽ کي به انهيءَ نالي سان سڏين، جهڙن ته

هيڪل ڪوري ڍهر - ڌاربندڙي کان اولهه طرف، مينگهي جي تڙ کان اوڀر ۽ رڙليي ڳوٺ جي ڏکڻ - اوڀر آهي.

مهٽڙو ڍهر - ڌاندوءَ جي تڙ جي اولهه، وڪڙائي ڳوٺ جي ڏکڻ، ۽ جهرڪليي پٽ کان اوڀر طرف آهي.

ٻوڪاري ڍهر - چارنور جي ڏکڻ ۽ ٻنڊي جي، تڙ جي اوڀر طرف آهي.

لانڀي جو ڍهر - ڳوٺ چارنور جي اتر اوڀر طرف آهي.

ٻيي جو ڍهر - گوراڙي ڳوٺ جي اولهه، ۽ مصري شاهه جي اتر طرف آهي.

ڏسارڙو ڍهر - ڳوٺ رٻاسر جي ڏکڻ ۽ ڪنڌيءَ جي اتر طرف آهي.

ٻوسيرڪي جو ڍهر - ڳوٺ ٻوسرڪي ۽ ڳوٺ روهڙي جي وچ ۾ آهي.

وري جو ڍهر - ڪانڪهٽي جي اولهه، راڄوڙي جي اوڀر ۽ ڪرلهور جي اتر طرف آهي.

پڪوئي جو ڍهر - ڳوٺ پڪوئي ۽ عالم سر جي وچ ۾ آهي.

ٽالپي جو ڍهر - منا تڙ جي اولهه ۽ سوڍي جي تڙ جي اوڀر طرف آهي.

چڇهو ڍهر - چاچري جي اوڀر طرف، ٻرلمي جي وريءَ جي پرسان آهي.

گنگهوڙو ڍهر - ڳوٺ هرٻار جي اتر طرف ۽ آسار جي ڏکڻ طرف آهي.

تالسر جو ڍهر - تالسر ڳوٺ جي پرسان آهي.

سيبنهار جو ڍهر - ڳوٺ سيبنهار تعلقي مٺي جي پرسان آهي.

سنجائي جو ڍهر - ڏيپلي تعلقي ۾ سنجائي ڳوٺ وٽ مشهور ڍهر آهي.

چوٺهار جو ڏهر- چوٺهار ڳوٺ وٽ آهي.

ڳانگهاڻ جو ڏهر- ميهڙي جي تڙ جي اوڀر طرف ۽ صالح جي تڙ جي اُتر طرف آهي.

روهيج جو ڏهر- ڳوٺ روهيج تعلقي ننگرپارڪر جي پرسان آهي.

ڪڇڙو ڏهر- وِڪڙائي ڳوٺ کان ڏکڻ، ڪارو وليءَ کان الهندي، جيئندي جي تڙ کان اوڀر، ڏوڀهار ۽ حجامن جي تڙ جي ڏکڻ- الهندي ۾ مشهور ڏهر آهي.

ميهوُئَرَ جو ڏهر- ڳوٺ نُهٽي کان اوڀر طرف ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي.

روهيلي ڏهر- مينگهڙي جي تڙ کان اڀرندي، ٻيلوءَ جي تڙ کان اُتر ۽ روهيج جي ڏکڻ ۾ آهي.

نمن وارو ڏهر- پوچاپو کان اوڀر، روهيج کان الهندي ۽ ٽَڳوسَر کان ڏکڻ طرف آهي.

دانڌُو ڏهر- جيئندي جي تڙ کان اوڀر، وڪڙئي کان ڏکڻ، حجامن جي تڙ کان اولهه ۽ وليءَ جي تڙ کان اتر طرف آهي.

ڪيرلي جو ڏهر- حجامن جي تڙ کان اڀرندي ۽ ڏوڀهار کان الهندي طرف آهي.

موڏو دڙو ڏهر- ڳوٺ ورنهارپو کان اڀرندي، حيات هاليپوٽو ۽ ڪرنهور کان ڏکڻ ۽ تاجُوءَ جي تڙ کان اُلهندي طرف آهي.

ماڪيئيو ڏهر- ڳوٺ جانب علي شاهه کان اڀرندي، ڪائوڙين کان اتر ۽ مصري شاهه کان الهندي طرف آهي.

ٻيسيائو ڏهر- ڳوٺ ٻهرائو تعلقي ننگرپارڪر جي اتر طرف آهي.

جيسار جو ڏهر- ڳوٺ ميهلاٽو جي اتر طرف آهي.

روهيلي ڏهر- ٻيلوءَ جي تڙ جي اتر طرف ۽ روهيج ڳوٺ جي الهندي طرف آهي.

انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا ڏهر آهن.

الهن کي ٽري "ڪُنگريا" چون. اهي گهوٽي آلي سان گڏي لُنبري ٽاهي ڦٽن تي ڏيندا آهن. هن کي اُٺ ۽ ٻڪريون کائينديون آهن.

واهوندا ورندا ته هن جي ٽڙ ۽ ٽارين مان رس نڪرندي آهي، جا ٻاهر گڏ ٿي ڳنڊيا ڳنڊيا ٿي پوندي آهي، ان کي ڪُنگرَ چون. ننڍيا ٻار، ڏنار، ٻڪرار، ڀيل ۽ ڪولهي ماڻهو اهو ڳگر چوندي گڏ ڪري وڪڻندا آهن، جنهن مان چڱو اُپراسو ٿيندو آهي. ڪي ماڻهو ڳگراڻ جي ٽڙ ۽ ٽارين کي ڪهاڙيءَ سان ڏڪ هڻي وَڍ وَڍ ڪري ڇڏيندا آهن ته اتان رس نڪري ايندي آهي جا ڳنڊيا ٿي پوندي آهي. پنجن-ستن ڏينهن کان پوءِ وڃي اهي ڳنڊيا لاهي اٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح سال ٻسال سوين مڻ ڳگر ٻاهر موڪليو ويندو آهي.

ڪُنگراڻ جي ڪاٺي ڏڍگي ٿڌي، نرم ۽ ڦيڪي ٿئي. وڻ نه ننڍي هئڻ ڪري خاص ڪنهن ڪم ڪونه اچي، تنهنڪري بعضي سڪل ڪاٺيون ٻارڻ جي ڪم اچن. هن جي ٿلهيري ڪاٺيءَ مان اَن ماپڻ جون ڇوٽايون ٺهن. ماڻهو اڪثر ولوڙڻ لاءِ هن جي آلي ڪاٺي ڪوڙيندا آهن، جنهن کي "نيهَڙي" چون. ٽڙ جي زالن ۾ اهو ويساهه آهي ته ڳگراڻ جي ليهڙي هوندي ته مکڻ گهڻو لهندو.

ڳگر دوا طور به ڪم ايندو آهي. ٻاسرين يا ڇاتيءَ ۾ سُور هجي ته ڪوري اڇي ڪاغذ جون چورس چُٽڪيون ڪتري ڳگر ڳاري الهن تي ليپ ڪري سور واري هنڌ چنبڙائي ڇڏين ته ترت فائدو ٿيو پوي.

● اَرڻي- هي ٽڙ جي ڀٽن ۽ ان جي لاهن تي ٿئي. ڏهرن ۽ هيٺاهينءَ زمين ۾ ڪونه اُڀري. ٻارڪر ۾ گهڻي ٿيندي آهي. هن جو ٽڙ ٻڪو يا ٿلهو ڪونه ٿئي، پر زمين مان شاخون نڪرن

جي گڏجي جهڳٽي والگر ٿي ٻيهن. ڪامون سنهيون ٿين، جي اندران پوريون هونديون آهن. فقط اهي ڳرداز شئي اندر هوندي آهي جا لوهه جي سنهي شيخ مان گهوڪو ڏيئي ڪڍي ڇڏبي آهي ۽ ان مان حقي جيون نهيون ۽ ميز ٺاهيندا آهن. ٽر ۾ مينگهواڙ سولي ۽ اولي ڪپڙا تيار ڪندا آهن، انهن کي وٽڪر چئبو آهي. وٽڪر، ارٽيءَ جي ڪامن مان چار-چار انچ ڪن لنديا لڪر ڪپيندا آهن، جن کي "نريُون" چون. اهي انت جي ٽڪ ۾ انڪائي مٿان ڏاڳو ويڙهي ڀوء اُڻڻ وقت "نڙيها" نالي اوزار جي وچ ۾ لري وجهي ڪپڙو اُڻندا ويندا آهن. هن کي اُت ۽ ڀڪريون ڪائيندڀون آهن.

---

مُرٽ بلڪل ڪمائتو ٻوٽو آهي. ٽري ماڻهو اُن کي ڪُهاڙي يا ڏاٽي سان ڪپي ٻاڪرون ٻري هڪ هنڌ سٽيي هٺي مٿان ٻريَ ڪاٽ ۽ ٻنگهرن جو ٻار وجهي ڇڏين؛ هفتي بعد ڪيڏي ڪٽي اُچن ۽ لاٿيدن ۽ چوڙن تي ٻهرائين سيٽن جو تهه ڏيئي، مٿان مُرٽن جو ڇاڇو ڏيئي، لوڙهن جا ڏوريا تاڻي قابو ڪري ڇڏين. ڪهڙي به برسات پيئي هوي، بعضي ٻڪيون جايون ڍهيو ٻون، پر هن جي ڇاڇي مان ٻاڦَ جو هڪ ڦڙو به اندر ڪونه اچي. نٺيون ڇنن تي به ڇاڇو ڏين. مُرٽن کي سنهو ڪتُري مٽيءَ سان گڏي ڳوهي جاين تي راڳو (لنب) ڏين، انهيءَ ڪري راڳو ڦٽي ڪونه ۽ برسات ۾ به جٺاهه ڪري. ڪن ڪن مُرٽن ۾ ٻيپُون ۽ ڪوليڙ به ٿيندا آهن.

ڪيترا غريب ماڻهو مُرٽون وڍي ٻريون ڪري يا اُٽن تي لدَا ڪري اچي شهرن ۾ وڪڻن، جن مان ٻنهنجن ٻچن جو گذران ڪن. هي ڪم خرچ ۽ ڪمائتو ٻوٽو آهي.

گهامُون- هي ٻوٽو ڪيرڙن، ڄارين، ڦوڳن، ڪوليٽن، مُرٽن، موراڙين، ٻنين جي لوڙهن، ٻلکهرن وغيره جي اوٽ يا وچ ۾ اُڀرندو آهي، هن کي ڪَنيهَل به چون. هي تمام ٽڪرو وڌندو آهي. هن جون تيليون ڪانهن والگر ڳنڍن سان ٿينديون آهن، پر ڪانهن کان سنهيون آهن. هرهڪ ڳنڍيءَ وٽان پن ٿيندو آهي جنهن جو ڪجهه حصو تيليءَ تي ويڙهيل هوندو آهي، باقي جدا ٿيندو آهي، جو ڪجهه ويڪرو ۽ ڊگهو ٿيندو آهي. هن جون تيليون ڊگهيون سنتن- اُٺن فوٽن تائين ٿين. هرهڪ تيليءَ جي چوٽي ۾ سنگ ٿيندو آهي، جنهن جون جدا جدا سنهيون ڦاڪون ٿينديون آهن، جن ۾ ننڍيون ننڍيون مکڙيون جهڪيون والگر نظر اينديون آهن.

گهامُون جڏهين ڪچو هوندو آهي تڏهين رڍون، ٻڪريون، اُٺ، ڍڳيون، گڏهه ۽ مينهون کائيندا آهن. ٻچڻ بعد جانور

ڪوڙ کائين. ماڻهو گهاما وڍي سڪائي ڇنن، چوڙن ۽ لانڍين تي سٽن جي مٿان، مُرڻن سان گڏي ڇاڇو ڏين. وسڪاري جو ڪَرهيءَ ۾ گهامن جا ته، ڏيئي سنگ وجهيو رکن.

اڪِڙَ- هي ٻوٽو سخت زمين ۾، جتي ٻاڙيءَ جي مار گهڻي هوندي آهي، اتي اُپڙندو آهي. لس ئي لس وڌندو ويندو آهي. سٽ- اٺ ٻوٽ ڊگهو ٿئي. هن جي چوڏن ۾ تاندورا ٿين، ماڻهو اهي تاندورا ڪيڏي گڏ ڪن، ان کي اڪوارو چون، جنهن مان رَسا، ولوڙن جا نيترا ۽ ڪنن جو واڻ ٺاهين. هي مضبوط ٻُوٽو آهي ۽ ٻارڪر ۾ گهڻو ٿئي ٿو.

● لاڻا ۽ لاڻيُون- هي ٻوٽو ڪاري ۽ ڪلراٺي زمين ۾ ٿيندو آهي، پر ٿر ۾ اهڙي زمين بلڪل گهٽ آهي. جيئن ته مٺي ۽ ڏيپلي تعلقي ۾ جتي لوڻ جا سَن ۽ ٻٺيون آهن، انهن جي آسپاس واري زمين ڪاري ۽ ڪلراٺي آهي، اتي هي ٻوٽا ٿين ۽ ٻيو وري ٻارڪر ۾ ڪڇ جي رڻ سان لاڳيتي ڪلراٺي زمين ۾ اهي اُپڙن. اُٺن ۽ ٻڪرين جي لاءِ عمدو کاڄو آهي. مٿين هنڌن کان سواءِ ٻئي ٿر ۾ ڪٿي به ڪونه ٿئي.

## ننڍا ٻوٽا

هي ٻوٽا برسات پوڻ وقت اپڙندا آهن. اُنهن جي ڊيگهه ٻوٽ- ڏيڍ مس هوندي آهي. اُٺ، ٻڪريون، رڍون، ڇيلا کائيندا آهن. ڍڳيون ۽ مينهون به ڪي ٻوٽا کائينديون آهن. سياري جو سڪيو وڃن. انهن مان ڪن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو.

● ٻَنگيري- هي ٻوٽو عجيب قسم جو آهي. هن جي ڏالڍين جي وچ ۾ ٻن ۽ انهن سان گڏ هڪ قسم جو ٻاجهريءَ جي سنگ وانگر ٻه- اڍائي انچ ڦل ٿيندو آهي. اهو ڦل، سيتاڦل جي نموني نظر ايندو آهي. ان ۾ داڻا داڻا ٿيندا آهن، پر هرهڪ داڻو پردن اندر لڪل هوندو آهي ۽ اهي سنگ ۾ چوڌاري

لنڊا ڪنڊا ٿيندا آهن. سڪڻ بعد ٻوٽو پُري ويندو آهي ۽ ڪنڊا زمين تي ٽڪريا پيا هوندا آهن. ماڻهو اُگهاڙو (جُتيءَ کان سواءِ) هليو ته پيرن ۾ لڳندا آهن. هي ٻوٽو اُٺ جي خاص خوراڪ آهي. رڍون، ٻڪريون، ڇيلا ۽ ڳائيون به کائينديون آهن. ماڻهو هٿي پريون ڪري شام جو اُٺن جي چاري لاءِ گهر کڻي ايندا آهن ۽ مال کي دُولهي ڪرڻ لاءِ هڻ ڪم آڻيندا آهن.

ساٽوڙو- هيءُ ٿر جو عام ٻوٽو آهي، جو جتي ڪٿي ٿيندو آهي، خاص ڪري پاڻ وارن هنڌن تي جام ٿيندو آهي. جيئن ٻوٽن جي آسپاس جتي ڪجهه زمين ڏاڍيري ۽ وتاڻ هوندا آهن، اتي جام اپرندو آهي. هن جا ٻه قسم آهن: هڪڙي جا پن ڪجهه وڏيرا ۽ مٿان سائي رنگ جا ۽ هيٺان اڇا، ٻئي جا پن ڪجهه ننڍيرا ۽ هيٺان ڳاڙهيري رنگ جا.

هيءُ ٻوٽو تسرون ڪري زمين تي ٽڪڙلدو ويندو آهي. ٻڪريون، رڍون، ڍڳيون، مينهون ۽ اُٺ وغيره کائيندا آهن. سُڪڻ بعد پُري ويندو آهي، پر هن جي پاڙ آڱر جهڙي ٿلهيري، زمين اندر سائي رهندي آهي. ٻوٽي کي ڇڪبو ته پاڙ سميت نڪري ايندو. وسڪاري جو ماڻهو هٿي پريون ٻڌي کڻي وڃي مال کي ڏيندا آهن. سڪڻ بعد به ڪيترا ماڻهو ڪوڏر سان کوٽي اُن جون پاڙون ڪڍي گڏ ڪري مال کي کارائيندا آهن. وسڪاري جو صبح توڙي شام هٿي مال لاءِ دولهي ڪرڻ جي ڪم آڻيندا آهن.

● هرڻ ڇَنڙي- هي ٻوٽو ٿورو مٿاهين، والڪي ۽ نرم زمين ۾ ٿيندو آهي. اُن جي ڊيگهه ڏيڍ فوٽ کن ٿئي. هن جا پن سنها ٻُوهه جهڙا ۽ رنگ جا ساوا ٿين. هن جا گل نيراڻ تي مائل اڇيرا ٿيندا آهن. اُن جون ڦريون اڌ گول واڱر ڇيٽڙيون ڪولهڻ جي ڇَنڙن سان مشابهت رکندڙ ٿينديون آهن، جن جي

# باب پنجون

## وليون

برسات وقت جڏهين ٽر ۾ جام اوڙ آيرندو آهي، تڏهين وليون به جام ايرنديون آهن، انهن جا هيٺيان قسم آهن:

ٻوڪيل وليون- اهي وليون ماڻهو ٻنين ۾ ۽ ڪي گهرن ۾ ٻوڪيندا آهن.

جهنگلي وليون- اهي جهنگ ۾ ازخود ايرنديون آهن.

ڳڻڻ واريون جهنگلي وليون- انهن جي هيٺان زمين ۾ ڳڻڻ ٿيندي آهي.

اهي سموريون وليون اٺ، ٻڪريون، ڍڳيون، مينهون، رڍون، گهوڙا ۽ گڏهه کائيندا آهن. انهن ۾ ڦل ٿيندو آهي جو ماڻهو، جانور ۽ پکي کائيندا آهن.

سڀئي وليون برسات پوڻ وقت ايرن، ٻن ٽن مهينن بعد سڪيو وڃن.

## ٻوڪيل وليون

هي وليون ٻنين ۾ ماڻهو ٻوڪيندا آهن. (ڪي جهنگ ۾ به ايرنديون آهن جن کي آڙڪ يا اکڙ وليون چئبو آهي ۽ منجهن جو ڦل ٿيندو آهي ان کي اڪڙ يا آڙڪ ڦل چئبو آهي جو اهڙو سٺو نه ٿيندو آهي.) ٻوڪيل ولين جي سنڀال ڪبي آهي. انهن ۾ ڦل جڏهين ڪچو هوندو آهي تڏهين پاڇي رڌڻ جي ڪم اچي ۽ پچڻ بعد ميوي والگر ڪم اچي. اهي وليون ٻنن تي ٻڪرنديون آهن. فقط ٽوريون ۽ ڪدو جي هاڻي ٽر ۾ ماڻهو ٻنين ۾ ڪن وڻن جي اوٽ تي ۽ گهرن ۾ چوڙن ۽ ڇنن جي پرسان ٻوڪيندا آهن، جي ٻوء ولين جي صورت ۾ مٿي چڙهنديون آهن.

سومرا- اصل پرمار راجپوتن مان آهن، پوءِ مسلمان ٿيا. انهن جو گهڻو تعداد ڪاڇي ۾ ۽ ٿورا ٻين هنڌن ۾ رهن ٿا.

ميمڻ- عيسوي پندرهين صديءَ ۾ سيد يوسف الدين قادري بغداد مان اچي ٺٽي ۾ رهيو، جنهن جي هدايت تي لهاڻن مان مسلمان ٿي سندس مريد ٿيا. لاڙ مان ترڪ ڏي آيا. هي واپاري آهن. ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ٻين هنڌن رهندا آهن. گيهه جو واپار ۽ دڪانداري مکيه ڌنڌو اٿن. ڏيپلائي ميمڻ ڪمترائي پڙهيل ۽ نوڪرين ۾ آهن. شاهوڪار، تعليم يافته ۽ واپاري قوم آهي.

● لُون- ترڪ ۾ ڪي ٿورا گهر رانجهي خان لُون جي ننڍڙي، سينگارائي ۽ نهڻي ۾ آهن. تعليم يافته، زميندار ۽ هلنديءَ وارا آهن.

● سما- سمن بابت مختلف رايا آهن. ڪي چون ٿا ته سما هندو راجپوت هئا، ڪي چون ٿا ته سما سام جو اولاد آهن، جو حضرت نوح نبيءَ جو پٽ هو، جنهن کي چار پٽ پڻ، سنگهار، همير ۽ پاڳرت هئا. پڻ کي سورهن پٽ هئا، جن کي گهڻو اولاد هو، جن مان سمن جون جدا جدا شاخون نڪتيون، جي انهن جي نالن پٺيان سڏجن ٿيون، جيئن ته پڙهيار، ڪوريجا، ناهيا، چارڙا، پنهي، اوڍر، لاکير، لاکا، اڏا، اڏيچا، مهر، سانڊ، مناهيا، سميجا، لنجا، ڏاهر، راڄڙ، ڪاڪي پوٽا، هنگورجا، هاليپوٽا، هالا، ساهڙ، نهڙا، جکرا، ڪاهيا، پلي، سوڍر، اوڍا، ابڙا، ابڙيجا، رکن ۽ راهما وغيره. اهي ”سمات ذاتيون“ سڏبيون آهن.

● نهڙيا- هي سڄي ترڪ ۾ پکڙيل آهن، مگر ونگي ۽ ڪاڇي ۾ سندن تعداد گهڻو آهي. هنن کي ارباب چوندا آهن، هي ڌارين کي سگهه ڪونه ڏين.

● راهما- هي سمن مان آهن، سڄي ترڪ ۾، خاص ڪري ڏيپلي تعلقي ۽ ڪاڇي ۾ گهڻا رهن ٿا. اهي به ارباب سڏبا آهن.

ڪندا آهن. ته به فقط مٺيءَ ۾ رهن ٿا. ٻاهر وڃڻ وقت گهڻو ڪري ڪنهارن ۾ لڪندا آهن. ”ڪڏڙن جا اوتارا ڪنهارن جي گهر“، جنهنڪري ته به اهو ٻهاڪو عام ٿي ويو آهي.

## آدمشماري

| تعلقو | ۱۸۸۱ع ۾ | ۱۸۹۱ع ۾ | ۱۹۴۱ع ۾ | ۱۹۵۱ع ۾ | ۱۹۶۱ع ۾ |
|---|---|---|---|---|---|
| مٺي | ۳۶۴۴۵ | ۴۱۴۷۲ | ۴۵۷۰۹ | ۶۳۹۳۳ | ۷۷۴۵۰ |
| ڇاڇرو | ۴۹۵۰۲ | ۵۳۵۰۱ | ۷۴۷۰۰ | ۷۷۲۸۳ | ۱۰۲۱۶۰ |
| ڏيپلو | ۲۵۹۶۹ | ۳۰۹۶۹ | ۲۵۲۴۲ | ۳۶۸۷۰ | ۴۲۸۳۳ |
| ننگرپارڪر | ۲۱۱۷۸ | ۲۷۵۴۸ | ۲۲۵۰۰ | ۶۱۱۹۴ | ۷۳۵۲۶ |
| جوڙ | ۱۳۳۰۹۴ | ۱۵۳۴۹۰ | ۱۶۸۱۵۱ | ۲۴۹۲۸۰ | ۲۹۵۹۶۹ |

## آدمشماري ۱۹۵۱ع

| تعلقو | مسلمان | هندو | اڇوت | متفرقه | جملو | پڙهيل | ۱۹۴۷ع ۾ آيل مهاجر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مٺي | ۲۸۱۹۳ | ۱۱۰۳۳ | ۲۴۴۸۶ | ۱ | ۶۳۹۳۳ | ۴۲۶۷ | ۳۸۸ |
| ڇاڇرو | ۳۸۳۶۹ | ۲۱۴۵۱ | ۲۷۴۶۳ | ۰ | ۸۷۲۸۳ | ۴۱۵۰ | ۳۴۰ |
| ڏيپلو | ۲۴۹۹۳ | ۳۶۰۸ | ۸۲۶۵ | ۴ | ۳۶۸۷۰ | ۲۶۱۳ | ۷۵۳ |
| ننگرپارڪر | ۲۰۵۷۷ | ۹۴۱۴ | ۳۱۲۰۳ | ۰ | ۶۱۱۹۴ | ۲۰۳۳ | ۲۱۵ |
| جوڙ | !۱۲۱۳۲ | ۴۵۵۲۶ | ۹۱۶۱۷ | ۵ | ۲۴۹۲۸۰ | ۱۳۰۶۳ | ۱۶۹۶ |

## آدمشماري ۱۹۶۱ع

| تعلقو | مرد | زالون | جوڙ | ۱۹۶۵ع ۾ آيل مهاجر |
|---|---|---|---|---|
| مٺي | ۴۱۳۷۴ | ۳۶۰۷۶ | ۷۷۴۵۰ | ۴۴۴ |
| ڇاڇرو | ۵۵۲۵۷ | ۴۶۹۰۳ | ۱۰۲۱۶۰ | ۱۱۹۲۴ |
| ڏيپلو | ۲۳۱۲۰ | ۱۹۷۱۳ | ۴۲۸۳۳ | ۱۶۱۳ |
| ننگرپارڪر | ۳۹۵۲۴ | ۳۴۰۰۲ | ۷۳۵۲۶ | |
| جوڙ | ۱۵۹۲۷۵ | ۱۳۶۶۹۴ | ۲۹۵۹۶۹ | ۱۳۹۸۱ |

ليلاڙ- سنسڪرت لفظ للاٽ، سنڌيءَ ۾ نرڙ، ڍاٽڪيءَ ۾ ليلاڙ چون.

هينئيڙُن- سنسڪرت لفظ هرديہ کي ڍاٽڪيءَ ۾ هينئيون چون، جنهن مان لفظ ”هيج“ نڪتو، جنهن جي معنيٰ آهي دل جو پيار، خوشي. جڏهن ڪا مينهن، ڍڳي، رڍ يا ٻڪري ڀنهنجي ٻچي (ڦر) کي ڏسي ڊوڙي اچي ڏارائيندي آهي، تڏهن چوندا آهن ته هيج گهڻو آهي؛ جي نه ڏارائيندي آهي ۽ لتون ۽ ٺونا هڻندي آهي تڏهن چون ته هيج ڪونہ اٿس.

ماس- مهني کي ماس چون، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ هوبهو ڪم اچي ٿو. مينهن وٺي کي ٻہ مهينا ٿيا، ٿري چون ”ميهہ وُٺي ٻان ٻہ ماس ٿيا.“

آگاس- آڪاس نج سنسڪرت لفظ آهي، جنهن کي چون آگاس، يعني آڀ. آڪاس ۾ تارا پيا ٽمڪن: ”آگاس ۾ تارا پيا ٽيمڪين.“

ڏيوَ- سنسڪرت لفظ ديو، ديوتا، ان کي ڍاٽڪيءَ ۾ چون ڏيو، جنهن جي پوڄا ڪندا آهن.

ٻَهُو- زال کي ٻَهُو چون.

ڪَنڌَرُ- ڪفن کي ڪنڌُر چون.

اهي ٻئي پراڪرت لفظ آهن ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ ڪم اچن ٿا.

سُسيرو- سنڌيءَ ۾ سُهرو.

ساسُو- سنڌيءَ ۾ سَس.

ساسيرو- سنڌيءَ ۾ ساهرو.

اِهي هندي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جي هوبهو ڪم اچن ٿا.

ٻاگهڙي، اُونگهہ- سنڌيءَ ۾ 'ٻڪو'، 'ننڊ'. ديسي لفظ ته ۾ ساڳيءَ صورت ۾ ڪم اچن ٿا، هُون جاڻون ٿو، گجراتيءَ ۾

ٻلي ٻني وٺو، بدران چون: ٻلين ٻني وٺو.
ٻلي اٿي ويٺا رهو، بدران چون: ٻلين اٿي ويٺا رهو.
جمع ٺاهڻ لاءِ جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "ن" آهي، ان جي اڳيان "ي" گڏيندا آهن. جيئن ته

پيٽن بدران پيٽين چون. پٽن ۾ هلڻ مشڪل آهي، بدران چون، پٽين ۾ هلڻ مشڪل آهي. گهرن بدران گهرين چون. گهرن ۾ ڪو ماڻهو ڪونه هو، بدران چون، گهرين ۾ ڪو ماڻهو ڪونه هو. ڳئن بدران ڳوئين چون، ڳوئين ۾ اچي ٿاڪ پيو. ڏيڳن بدران ڏيڳين چون، ڏيڳن جو واهار چڱو آهي، ڏيڳين جو واهار چڱو آهي.
آوهين بدران آئين چون. اوهين وڃو ٿا، بدران چون، آئين وڃو ٿا.

هئوءَ بدران اوءَ چون. هئو وڃن ٿا، بدران چون، اوءَ وڃن ٿا.
هئجن بدران هئون چون. اتي سدائين ويٺا هجن، بدران چون، اتي سدائين ويٺا هئون.
"رين" جي اچار کي "ائين" ۾ بدلائين.

نهارين بدران نهارئين چون، ٻهارين بدران ٻهارئين چون.
ڏرين بدران ڏرئين چون، لاهين بدران لاهيئين چون.
"ڇا ۽ ڇو" جي بدران "ڪوهه" لفظ ڪم آڻين.
تو تي ڇو وڃان، بدران چون، تو تي ڪوهه وڃان.
آءٌ ڇا ڪريان، بدران چون، آءٌ ڪوهه ڪريان.
پنهنجو بدران "پنڊ" لفظ ڪم آڻين.
هي ڪتاب پنهنجو آهي، بدران چون، اِي ڪتاب پنڊ جو آهي، وغيره.

زال کي ”ڏبراڻي“ چون. هو سهري، جيئن ۽ مڙس جو نالو نہ وٺنديون آهن. اهڙن نالن سان يا انهن سان مشابهت رکندڙ کي شيون هونديون تہ انهن جا هو وري کي خاص نالا رکنديون آهن ۽ ضرورت وقت، اهي نالا وٺنديون آهن. مثلاً جي کنهن جي سهري، جيٺ يا مڙس جو نالو ”هاسو“ هوندو تہ ڳچيءَ ۾ پائڻ جي زيور ”هنسيي“ جي بدران ”ڳچي واري“ چونديون. کنهن جو نالو ”مصري“ هوندو تہ کائڻ واري مصريءَ کي ”ساکر“ چونديون، وغيره.

ڏاڙين ڇوڪري گهر ۾ اچي ٿي ته اڳين گهرو سنڀت
گم ٿيندي وڃي، تان جو نوبت جدا ٿيڻ تي پهچندي آهي.
اڄ جي حالتن تي ملوڪ چوندا آهن ته — مائٽ ڏيئي پرڻائي
ساهري گهر رواني ڪئي ته ڪٽ ڀاڻ تان بوجھ لٿو ۽ لڏون جائو
ٿيو، ٻر جي پٽ پرڻيو ۽ ننهن گهر ۾ آئي ته سس سهري جي
مالڪ آڪ ٿي. جيڪي اڳي ننهنجي ڪمائيءَ مان سکيو ٽڪر
کائيندا هئا سو به ويو. اڄ اها حالت ملڪ ۾ وڌي رهي آهي.

جيستائين پائر ڪنوارا هوندا آهن تيستائين منجهن محبت
هوندي اٿن ۽ ڪنهن کي جدا ٿيڻ جو خيال ئي ڪونه هوندو
آهي. شادي ڪرڻ بعد ٻه جي ڇوڪرو يا ڇوڪري سمجهو
آهن ته گاڏو ٻيو گهلبو. ٻر ڪي ڇوڪريون اهڙيون آهن جي
چونديون ته سڄي گهر جي ڪم ۾ ڇو ڇڄي مرجي، ۽ سس سهري
جي هٿ هيٺ رهجي، جدا ٿيون ته پنهنجي پڻن جو اولو ڪري
آزاديءَ سان پيو وقت گذارجي. پوءِ سڄي گهر ۽ مڙس کي
تپائي ڪٽنديون، اهڙيءَ حالت ۾ لاچار جدا ٿيڻو پوندو. روز روز
جي ڪرڪر، گهر ۾ چڱي نه آهي. حقيقت ڪري گڏ رهڻ
وڌيڪ سٺو آهي، جو چئبو آهي ته ”پيڙن ۾ پرم آهي.“

# باب ٻارهون

## رويني سرشتو

ٿر ۾ ٻنيون ٽن قسمن جون آهن: ١- سروي. ٢- بيگهولي. ٣- ڪچا يڪسالا نمبر.

سروي- انگريزن حڪومت هٿ ڪرڻ بعد ترت ئي ان وقت موجود ٻنين جي ماپ ڪري حدن تي ڏڙيون (نشان) هڻي، نقشا تيار ڪري، جن جن مالڪن جي قبضي ۾ هيون، تن جي کاتي ڪري ڇڏيون.

بيگهولي- سروي ماپ کان پوءِ غيرآباد زمين مان ٽڪرا، يا پنهنجن سروي ٻنين جا سيڙها ماڻهو سهوليت سان آباد ڪندا ويا، جي پوءِ مالڪاڻي ڀرڻ بعد ماپ تي سندن کاتي داخل ٿي ويا.

يڪسال ٽڪر- جي ڪنهن جي ٻنيءَ جو سيڙهو يا سهوليت سان پر ۾ ڀيل غيرآباد زمين جو ٽڪر، يا ڪن حالتن ۾ جي ڪنهن وٽ آباديءَ لاءِ مانگائو زمين ٽڪر نه هجي ته سندس ڳوٺ جي سيم ۾ ڪٿي به غيرآباد ٽڪرو ڀيل هجي، جتي ٻئي ڪنهن جو حق واسطو يا اعتراض نه هجي ته اهو حد جي مختيارڪار کي درخواست ڪري پوکبو آهي. ان کي يڪسالو چئبو آهي، جو پوءِ حد جو تپيدار ماپ ڪري ڍل وصول ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ٽي سال لاڳيتو پوکي مالڪاڻو ڀربو آهي، ان بعد اهو بيگهولي نمبر شمار ٿيندو آهي؛ ٻر جي ڪنهن جو اعتراض هوندو آهي ته پوءِ ان جو فيصلو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪندو آهي.

پير ڦاهو پيو هوندو. ڦندڻ جو هڪ ڇيڙو اڳئين پير ۾، ۽ ٻيو ڇيڙو پوئين پير ۾ ڦاهو ڪندا آهن.

ٿر ۾ سياري - اونهاري غريب ماڻهو مزوريءَ تي سيرون ۽ مٽي ڍوئڻ جو ڌنڌو، ڪوهن مان پاڻي ڀرڻ لاءِ جنترا (جنبا) ڪڍڻ، جهنگ مان ڪاٺين جا جنبا آڻڻ لاءِ گڏهه ڪم آڻيندا آهن. ڪوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ گڏهن کي پاچاريءَ ۾ جوٽي انهن سان ڪوس ڇڪي ڪڍندا آهن؛ تنهنڪري انهن کي هٿ وسو رکڻ لاءِ وسڪاري جو ڏينهن جو هر ۾ وهائي، رات جو ڇوڙي اچڻ وقت، ٻنين ۾ آبادي ٿيڻ بعد پيل جي بچاءَ لاءِ گڏهن کي ٻڪرانس ڏيئي ڇڏيندا آهن، جيئن مهل سر ڪم جي وقت ترت ڳولي هٿ ڪري سگهجي، ۽ جهلڻ ۾ به سهولت ٿئي. ڇو ته ڇوٽ ڇڏيل گڏهه ڪڏهن جهلڻ نه ڏيندو آهي، خاص ڪري وسڪاري جو، جڏهن سائو گاهه کائي متارو ٿيندو آهي.

جنهن ماڻهوءَ وٽ ٿورا گڏهه هوندا آهن ته هرهڪ کي جدا ٻڪرانس ڏيندو آهي. پر جي ڪنهن وٽ گهڻا گڏهه هوندا آهن ته ٻڪرانس جو هڪڙو ڇيڙو هڪڙي گڏهه جي اڳئين پير ۾ ۽ ٻيو ڇيڙو ٻئي گڏهه جي اڳئين پير ۾ وجهي ڇڏبو آهي. انهي کي "سلهاڙ" چئبو آهي. ان حالت ۾ چئبو آهي ته گڏهه "سلهاڙيل" آهن.

وسڪاري جو بعضي گهوڙن کي به ٻڪرانس ڏيئي جهنگ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن، جيئن پنهنجي منهن گاهه چري ڍؤ ڪن.

کهري ٻڪرانس سان اڪثر پير ويڄي پوندا آهن تنهنڪري ان جي ڇيڙن ۾ چم جون ٻوڙيون وجهرائيندا آهن. چمڙو نرم آهي جنهنڪري پيرن جو بچاءُ ٿيندو آهي. گهڻو ڪري گهوڙن لاءِ اهڙي قسم جو ٻڪرانس ڪم آڻبو آهي.

ڏُڪي - بعضي گڏهن کي اڳئين ٻنهي پيرن ۾ سوڙهو رسيءَ سان ٻڌبو آهي، جنهن کي ڏُڪي چئبو آهي.

اهي داغ سوڍا راجپوت پنهنجي مال تي ڏين ۽ اوٺي مال کي ڏيندا آهن.

٢- ڪَنَڙَ، هي گول داغ آهي، هن جا ٻه قسم آهن.

١- ننڍو ڪنڙ.

٢- وڏو ڪنڙ.

٣- آنيرڻ داغ، انگريزي "آء" حرف وانگر، هي ڪيهڙا نڪرن جو داغ آهي.

٤- ڪناري داغ، انگريزي A حرف وانگر ٻر ٻيڙيون ٻئي وريل. هي ٻرهمڻن جو داغ آهي.

٥- منڇي داغ، ڪت وانگر، هي ڪيهلڻ نڪرن جو داغ آهي.

٦- ترشول داغ، هي وَرَنَ ۽ جاڳا نڪرن جو داغ آهي.

٧- گيڏيو داغ، وريل لڪڻ وانگر، (لٺ کي ٻاڦڪي ٻر گيڏي ۽ لڪڻ کي گيڏيو چئبو آهي،) هي سيلوت نڪرن جو داغ آهي.

٨- آرلَ داغ، سنئين ليڪ وانگر، هي ڏوهت نڪرن جو داغ آهي.

٩- ٻَر ڙو ٽبو داغ، ٻلا وانگر ورن وڪڙن وارو، (ٻلا کي ٻاڦڪيءَ ٻر ٻرڙ ۽ اهي کي ٻرروٽبو چئبو آهي،) هي کاوڙيا نڪرن جو داغ آهي.

١٠- ٻهاري داغ، ٻاهاريءَ وانگر، هي مالهين جو داغ آهي.

١١- رانڪو داغ، هي پالي راجپوتن جو داغ آهي.

١٢- ٻاگوڙو داغ، ڏاکال وانگر، هي ڏوهت نڪرن جو داغ آهي.

١٣- رلڪو داغ، اُبتي اي وانگر، هي رلد ٻلوچن جو داغ آهي.

١٤- گندو داغ، هي سيدن، جوکيئن، ۽ لهڙين جو داغ آهي.

کير وڪڻڻ جو رواج ٿر جي ٻهراڙين ۾ ڪونه آهي، مگر شهرن ۾ کير جو وڪرو ٿيندو آهي. مال مان گيهه جهجهو ٿئي. ٻهراڙين ۾ گهڻو ڪري سومر جي ڏينهن مکڻ تپائي وِسڻاڻ ڪري ٻاڻ ڪائين ۽ گيهه جو وڪرو ڪن. گيهه، تور جي ٻدران ليپڙين سان پري ڏين، جي ڇهه تولا يا سوا ڇهه تولا تور جون هونديون آهن. هن کي "پَڙِپ" جو رواج چون. ٻهراڙيءَ جا دڪاندار سڄي ڳوٺ جو گيهه پري وٺندا آهن. ڪي گهر گيهه جو وڪرو ڪونه ڪن، ٻاڻ گڏ ڪندا رهن، گهڻي ٿيڻ تي شهر ۾ ٻڌي اگهه سان وڪڻي اچن.

چيلا، گهيٽا، ڍڳا وقت بوقت سوداگرن کي وڪڻندا آهن. ڪڏهن ٻاهريان سوداگر اچن، نه ته ٿر جا ڪيترا ماڻهو اهو واپار ڪندا آهن. مال وٺي سنڌ ۾ ڪاهي وڃي وڪرو ڪري ايندا آهن.

ڳر اُن، سوئاڻون ڍڳيون، ٻڪريون ۽ رڍون وغيره وڪرو ڪبيون آهن. مال جو چمڙو ۽ کلون ڪي هٿي ڪم اچن، جو رڳي ان مان جُتيون، ٿالهون، ساندارا، ڪوس، موڙ رپا (ننڍا ساندارڙا) وغيره ٺاهين، ۽ باقي مال ٻاهر وڪري لاءِ وڃي. هڏا به ٻاهر وڪري لاءِ جام ويندا آهن. مال ٻُناري مان ڪافي پيدائش ٿيندي آهي.

## ڍڳا چاڙهيا ڪرڻ

جن ماڻهن وٽ ڳائو مال جهجهو هوندو آهي، سي پنهنجا ڍڳا وڪڻي ڇڏيندا آهن. اهي سنڌ ۾ ٻِهَر ڪاهڻ ڳاڏين ڇڪڻ ۽ ٿار ۾ وهڻ جي ڪم ايندا آهن. اهڙن وڪري وارن ڍڳن کي خصي ڪبو آهي، جنهن کي چون "چاڙهيو ڪرڻ" ڳوٺن ۾ ڪي ماڻهو خاص ڪري حجام ٿيندا آهن جي اهو ڪم ڪندا آهن. جڏهن وهڙا ننڍا هوندا آهن، تڏهن اهي ڏاها ماڻهو انهن جا خَصيا اهڙيءَ الڪل سان ڪپي ڇڏيندا آهن،

ڇُهي ويندي. الهيءَ حالت ۾ ٻلي اُٺ جا پير ٻه سُڄي پون، ٻن ڏينهن بعد اُن کي ويهاريندا. ائين ڪرڻ سان ٻانءِ ڇڏي ويندي آهي.

اُٺ کي ليڙ جي بيماري ٿيندي آهي، جنهن ۾ هاضمو ڪوڙ ٿيندو اٿس. اُن لاءِ ڏؤنرو، ڪڙو تيل، ڪٺڪ جو ڏارو پسايل ڏيندا آهن. اُٺ ٻَنهرو پسايل لوڻ به ڏيندا آهن.

ازالسواءِ ٻيون به ڪيترن ئي نمونن جون بيماريون ٿينديون آهن، جن جا علاج معمولي ٽوٽڪن سان پاڻ ئي ڪندا آهن.

# باب چوڏهون

## پکي

ٿر ۾ ڪيترن ئي نمونن جا پکي ٿين ٿا، جن جا مکيه ٻه قسم آهن:

١- گهرو پکي- جي گهرن ۽ ڳوٺن جي ڀرسان رهن.
٢- جهنگلي پکي- جي جهنگ ۾ رهن.

### گهرو پکي

● مور- قداور، رنگين کنڀن سان پيارو ۽ سهڻو پکي ٿيندو آهي. مٿي تي ڪلنگي ٿيندي اٿس. سندس کنڀ ڊگها ٿيندا آهن، جن سان ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ ۾ اچڻ وقت سهڻو ڇيترو (ڇٽ) ڪندو آهي. اهي کنڀ سياري جي شروعات ۾ ڪِرِي ويندا اٿس ۽ بعد ۾ نوان ڄمندا آهن. نانگ بلا جو سخت دشمن، ڏسڻ سان ئي ماري ڇڏيندو آهي. برسات وقت ڪوڙ پڊي دانهون ڪندو آهي. رات جو وڻن تي ويهندو آهي. ڳوٺن ۾ ۽ پرسان رهندو آهي، جتي وڻن جي گهاٽن ٻُٽن ۾ هيٺ پٽ تي زمين ۾ پاڪولي ٺاهي مادي آنا لاهيندي آهي. ڪي ماڻهو مور جا ننڍا ٻچا جهلي پاليندا آهن.

● ڪڪڙ- هي سانتيڪو گهرو پکي آهي. ڪڪڙيون جلد جلد آنا لاهينديون آهن، جي ماڻهو کائيندا به آهن. نر جي مٿي تي وڏي ڳاڙهي رنگ جي چوٽي ۽ ماديءَ جي مٿي تي ننڍي ٿيندي آهي. ٻليءَ کان ڏاڍو ڊڄندو آهي. اونهاري رات جو ٻاهر ڊگهي ڪانيءَ تي ٿاهيل مارهي (ٻهي) تي ويهاربو آهي ۽ سياري جو ڪنڌين ۾ بند ڪبو آهي. نانگ هن جو دشمن آهي.

سنھا پاڻ ۾ سنَپ، وِھاءُ واسينگن جا،
تني جي ڄھڙپ، ھاٿي ھنڌان نہ ڇُري.

ڪي نانگ جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ سنھا ٿا اچن، تہ بہ واسينگن جو وِھاءُ آھن ۽ منجھن ايترو زھر آھي، جو جيڪڏھن ھاٿيءَ جيڏو ٻرھت نما جانور سندن ڄھڙپ ۾ اچي وڃي، تہ جيڪر اتيئي ٻورو ٿي وڃي ۽ وري ڇُري بہ نہ سگھي.

سنھا پاڻ ۾ سنَپ، سُڪا جني پيٽ،
تني جي جھَپيٽ، جُنگن کي جوکو ڪري.

اھي سنھا ۽ پيٽ سُڪل نانگ پنھنجي نالي سان آھن. کھڙي بہ جنگ جوان کي ھڪ ئي چڪ بس آھي ۽ جوکو رسائي سگھن ٿا. ڪڪيل ماڻھو جڏھين نانگ کي ڏسندو آھي، تڏھن سندس دل تي خوف جو اثر ويھي ويندو آھي ۽ دل لاھي ڇڏيندو آھي تہ ھاڻي مري ويندس! الھيءَ ڪري بعضي غش بہ ٿي ويندو آھي ۽ ڪي ڪي مري بہ ويندا آھن، تنھنڪري چوندا آھن تہ ”سپ نہ ماري سراپ ماري.“

ڪنھن ڪنھن ڪاريءَ ذات کي مور بہ مٿائين.

مور پکي نانگ جو دشمن آھي. مور نانگ کي پڇ کان جھلي مٿي اُڏامي ٻيھ اُتاھينءَ تان ھيٺ ڦٽو ڪندو آھي. ائين ٻہ-چار ڀيرا ھيٺ سَٽڻ سان مرٻو وڃي، پوءِ کائي ڇڏيندو اٿس، زھر مٿس ڪوبہ اثر ڪونہ ڪري. پر ڪي نانگ اھڙا زھريلا ۽ خطرناڪ آھن، جن کي مور پکي بہ وِجھو ڪونہ وڃي.

ٿري ماڻھو مور جا ڪنب پنھنجن گھرن ۾ رکي ڇڏيندا آھن، ڪين يقين آھي تہ الھيءَ ڪري نانگ گھر ۾ ڪونہ ايندو.

نانگ جو ٻيو وڏو دشمن جاھو آھي. ھن جي ٻُت تي ڪنڊا ٿيندا آھن، ھو نانگ جي پڇ ۾ چڪ پائي مُنھن اندر ڪري ڇڏيندو آھي. نانگ ڪاوڙ مان مٿس ڏنگ ھڻندو آھي

۽ ڪنهن سان زخمي ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڦٽ ٿي پوندو آهي ۽ آخر نيٺ آرچينٽ ٿي مري ويندو آهي.

● ڪوليارو نانگ- رنگ جو ڪاڙهو ڀورو ۽ ڪنڌ تي وار ٿيندا اٿس. هي اوچتو ڏنگي به چڪ پائيندو آهي، جنهنڪري ڪي چوندا آهن ته اڌامي چڪ ٿو هڻي.

● گورهيڙو نانگ- هي ڀوري رنگ جو ٿيندو آهي. تمام زهريلو آهي. هڻڻ جو وري اهڙو ڍنگ آهي، جو جيڪڏهن مارڻ لاءِ ڪوشش ڪبي ۽ لٺ جو ڌڪ پورو نه لڳو، ته يڪدم ترڪي ويندو جو پوءِ هٿ نه ايندو.

● اڱهه- هي تمام ٿلهي ٿيندي آهي. اهڙي ڳوري آهي جو مشڪلات سان هلي سگهي. ڇُرڻ وقت زور سان اهڙو ته سوساٽ ڪندي آهي جو ڳچ پنڌ تان ٻڌي سگهبو آهي. هي ڊوڙي يا هلي چڪ پائي ڪو نه سگهي. پر جي اوچتو مٿان پير اچيو يا پرسان ماڻهو لنگهيو ته دير ڪانه ڪندي، چڪ هڻي ڪڍندي.

● ٻوگهي- هن کي ٻه-مُنهين به چوندا آهن. هي رنگا رنگي ڪاري، ٿلهي، ٽي-چار فوٽ ڊگهي ٿيندي آهي. چون ٿا ته هن کي ٻه منهن ٿيندا آهن، پر ٻيو منهن سدائين کليل نه هوندو آهي، فقط سياري راتين ۾ کوليندي آهي. هن جو چڪ خوفناڪ آهي. تڏهن ڪنهن کي پاراتو ڏيڻ وقت چئبو آهي ته "توکي شل ٻوگهي کائي."

● لَنڍِي- هي ڏيڍ-ٻه فوٽ کن ڊگهي پر ٿلهي ٿيندي آهي. هن جو پڇ ڇيڙي وٽ سنهو نه ٿيندو آهي، تنهنڪري ڪيس "پانڊوري" به چون. سندس بدن تي اڇا ٽيڪا ٿيندا آهن، جن کي ڪوڏيون چئبو آهي ۽ ڪيس "ڪوڏياري" به چون.

ٻيل ڪاٺين ۽ ڇيڙن ۾ پيدا ٿي ته ڪاٺي ناس ڪري ڇڏيندي آهي. جاين جي شهتيرن، ٿنين، درين، دروازن، ڇپرن جي ڪاٺين کي ڪاٺي ناس ڪندي آهي. ماڻهو ٿوري اڌ وهي لڳل ڏسندا آهن ته ڇاٽي ڇڏيندا آهن، ته ٻه نيٺ ڪاٺو وڃي. ڪاٺين کي گاسليٽ ۽ ڏامر هڻبو ته ڪجهه بچاءُ ٿيندو آهي. جهنگ ۾ ٻيٺل وڻن جي، سڪل ڪاٺين کي ٻه، نه ڇڏيندي آهي. ڪپڙ جي ڪاٺيءَ تي اهترو وار نه ڪندي آهي، باقي ٻيو ڪنهن کي ٻه ڪونه ڇڏي. هن جو دشمن تيتر پکي آهي جو جتي ڏسي اتي ڪاٺو ڇڏيس.

● سُرو- هي پوري رنگ جو سنهو ننڍو جيت ٿيندو آهي. هي ڪاٺين ۾ تنگ ڪري اندر گهڙي ويندو آهي. اندر سنها لنگ ڪيو نيٺ ڪاٺو ڇِٽ ڪيو ڇڏي. ڪُرليٽ ۽ ڪَنبڙي جي ڪاٺيءَ تي خاص وار ڪندو آهي.

● ميهه ماما- هي جيت جتوئي جيڏو نارنگي رنگ جو ٿيندو آهي، جو برسات پوڻ وقت ڏسبو آهي، جنهنڪري ٻري ڪيس ميهه مامو چوندا آهن، ۽ پينوڳاريءَ تي ٻيو سُرندو آهي. هي تمام نفيس ۽ نرم ٿيندو آهي. ڪا عورت سهڻي ۽ گوري رنگ جي هوندي ته چئبو آهي ته ”فلاڻي جي مُنهن ۽ بدن جي وَنڪي اهڙي آهي جهڙي ميهه جو مامو.“ هفتي ڪن بعد ڪم ٿي ويندو آهي. هن کي مينهن وساڙو به چوندا آهن. دوائن لاءِ ڪم ايندو آهي. ٻهارين وٽ سُڪل مينهن وساڙا وڪري لاءِ هوندا آهن، جي حڪيم دوائن تيار ڪرڻ لاءِ خريد ڪندا آهن.

● جتُرُئو- جنهن هند مال خاص ڪري اٺ ۽ ڍڳيون وهنديون آهن، اتي زمين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هي ذري واريءَ اندر، ذري ٻاهر پيا سُرندا آهن. پوري اڇي رنگ جا ٿين. مال کي چڪ هڻندا آهن. ڪڪڙ هنن جو دشمن آهي جو زمين تي جتي ڏسندو ته ٺونڪو هڻي ڪاٺي ويندن. ماڻهن کي

اهي آيا ڪٿان ۽ ٻيڙا ڪيئن ٿيا! جيئن جيئن سره وڃهو ايندو ويندو ۽ ڪاهه سُڪڻ جو سعيو ڪندو، تيئن اُهن ۾ به چڙهائي ٿيندي ويندي ۽ ٿورا ٿيندا ويندا؛ تن جو سياري شروع ٿيڻ تي گهٽي باقي ختم ٿيو وڃن. ڪيترا ٿڪي به وڃي پيو ملڪ وسائين، وري به جڏهن وسڪارو اچي تڏهن ساڳيو ڇهڇٽو لڳيو وڃي.

ايندا هئا. تاڻي تي ڪو مزمان نہ هوندو هو تہ مڙس جو سڪ ڦٽي پوندو هو ۽ اوستائين ماني نہ کائيندو هو، جيستائين ڪو مزمان اچي.

چون ٿا تہ اُن وقت جي ڪنهن کي بخار ايندو هو تہ جاني لنجي وڻان سڳو وٺائي ٻڌندو هو تہ تپ ڇڏي ويندو هو. اڄ تائين ڪنهن کي بخار اچي تہ ان کي ويهاري چوندا آهن تہ "آڌي رات هجي، مٿان برسات پيئي پوي، اهڙي وقت سؤ گهوڙيسوار مهمان جاني وٽ اچي لهن، گهر ۾ داڻو بہ نہ هجي، اهڙيءَ حالت ۾ بہ جانيءَ جي ايمان کي لوڏو نہ اچي"-- تہ بخار ڇڏي ويندو آهي.

(۲) سنبت ۱۹۴۲ وڪرمي برابر سال ۱۸۸۵ عيسويءَ ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪار هو. ان وقت ڪيترائي ماڻهو ٿاري ڏي پيچي ويا، باقي جيڪي رهيا تن ڪئين عذاب سٺا. وڻن جي ڇوڏن ۽ پنن تي گذر ڪيائون. اهڙي وقت ۾ ڳوٺ چارنور تعلقي ڇاڇري ۾ رامو ٿالي هڪ پوڄيو ذات جو مينگهواڙ رهندو هو، جو ويچارو غريبي حال هوندي بہ، اهڙي ڏکئي وقت ۾ بہ مهمانن جو آدرڀاءُ ڪندو هو. مانيءَ جو تہ ٿالو ئي ڪونہ هو، پر ٻاجهريءَ جي رب پياريندو هو. اها شئي بہ اُن وقت غنيمت هئي. ان بابت هڪ سگهڙ چيو آهي تہ:

"بيتالي ۾ پوڄيئي، رامي پائي راب،
سيري رڻي سمتول، راب ٿاٽري رامبا."

يعني: سنبت ۱۹۴۲ وڪرمي ۾ رامي ٿالي پوڄيو مينگهواڙ مهمانن کي رب پياريندو هو. ان بابت سگهڙ چوي ٿو تہ اها رب سيري جي سمتول (برابر) هئي.

هن وقت اسلام ڪوٽ ۾ سيٺ نهالچند رامچند لهاڻو ڏاڍو مهمان نواز آهي. سندس اوطاق تي روزانو ڪيترائي مزمان ماني کائين ٿا.

۾ لوڻ لڀي ٿو. اهي سن ڪڇ جي رڻ سان ولهجهڙائيءَ ۾ مٺي، ڏيپلي ۽ ننگرپارڪر تعلقن جي ڏاکڻي وٽ واري پاڳي ۾ آهن.

تعلقو ڏيپلو— سڀني کان وڏو سن ”سارڻ جو سن“ آهي. هن تي گورنمينٽ جو ضابطو آهي. باقي سن ائين پيا آهن، مگر انهن تان لوڻ ڪڍڻ جي بندش آهي، جهڙوڪ چڪوُلدارو سن، رَتو ۽ ٻگهڙو سن، گوڏان گڙي جو سن، ٻَڀوُٻَل جو سن، گڏهه ڪَرنگهو سن، هنڙائي جو سن، هنٽي سن، ڪنڙ سن، الياري سن، ڇيهالو سن، ڪَنڊوراليو سن، لاڏي سن ۽ ڇڇيءَ جو سن، وغيره.

تعلقو مٺي— راڳهاريل سن، سوُ جاڙي سن، پوتاڙو سن، گرياڇو سن ۽ ڏاڏوڙ سن وغيره.

تعلقو ننگرپارڪر— گوهيو سن، ڪيرليو سن، ڳاڙهي ترائي سن، ارليارو سن، موڪڻي جو سن، جهاهڙي سن ۽ رڙپارو سن موڪڻي جي سن مان رنگين قسم جو لوڻ لڀي ٿو، جو چوڪنڊو آهي ۽ وچ ۾ گول ليڪا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

## ڪارخانن لاءِ سهوليتون

ٿر ۾ ڪچو مال گهڻوئي موجود آهي، جو هتي ڪم نه اچڻ ڪري ٻاهر موڪليو وڃي ٿو، ڇو ته هتي ڪو اهڙو ڪارخانو ڪونه آهي، جنهن ۾ اهي ڪچي مال مان ڪجهه پيدا ڪري سگهجي. ٿر ۾ اڪيچار سفيد ۽ ڪارآمد واري موجود آهي، جيڪڏهن شيشي ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليو وڃي ته تمام ٿوري تڪليف ۽ سستائي سان واريءَ مان ڪيتروئي شيشي جو سامان تيار ٿي سگهي ٿو. رڍن جي اُن، ٻڪرين جي ڏاس ۽ اُٺن جي ملس سال بسال هزارين مڻ ٻاهر وڃي ٿي، جيڪڏهن هتي ڪي اهڙا ڪارخانا کوليا وڃن، جتي اُن صاف ڪجي، نرم ڪجي، رڱجي، ڪتجي، ڪپڙو ٺاهجي، بلئڪيٽ، مفلر، لوئيا ۽ ٻيو سامان تيار ڪجي، ته هوند ٿر جو واپار چوٽ تي چڙهي وڃي.

ٿري چوندا آهن ته اوچتو اوکيءَ ۾ جتي پنهنجو پيءُ ڀاءُ، مٽ مائٽ، عزيز دوست وغيره ڪم جا نه ٿيندا آهن، اتي پنهنجو پئسو ڪم جو ٿئي ٿو. ناڻي سان جا نه ماسي، سا نه ماسي. پئسو نه آهي جو هٿ ۾ هجي، تنهنڪري چوندا آهن ته ”ڪُنُ، ڇي، جيءَ سُنُ“. هٿ ۾ هوندو ته گهرج مهل ڪم جو ٿيندو. اڌارو ڪيترو نه ڏئل هجي پر اهو مهل تي ڪنهن نه ڪم جو نه آهي، تنهنڪري ٿري ڪفايت ڪري ڪجهه بچت ضرور رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

پوريل ڌن بابت اڪثر ماڻهو چوندا آهن ته گهڻي وقت بعد جاءِ ۾ تفاوت ٿئي ٿو ۽ ساڳئي هنڌ کوٽڻ سان هٿ نٿو اچي، يا ڪي چوندا آهن ته فلاڻي هنڌ ديڳ، ڌن جي آهي پر مٿان نانگ ويٺو آهي جو ڪڍڻ نٿو ڏئي. جاهليت جي ڪري اهو اثر ماڻهن جي دل تي پڪو ٿي ويو آهي. چوندا آهن ته ”پرائي اماڻ ڌرتي به نه ڏوهي“، يعني ڌرتي به امانت ۾ خيانت نٿي ڪري. سون ۽ چاندي جا زيور اڃا به ماڻهو ڌرتيءَ ۾ پوريندا آهن.

ٻُڌيءَ اَگهاڙا، ميرا ۽ گدلا، جن جي ڏسڻ ۽ ڳڌ وٺڻ سان شهري شوقينن کي ڪراهت پيئي محسوس ٿيندي. پر جڏهن ڪچهريءَ ۾ اچي ڦالڪ هڻي ٿا ويهن ۽ مُنهن کولين، تڏهن اهي ٿا ٻارا ٻارين، جو علم و ادب جا قابل پروفيسر به اهو رنگ ڏسي داد ڏيڻ تي مجبور ٿيو پون.

خاص ڪري شادي غمي وقت يا مهمان جي اچڻ مهل جڏهن ججها ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن، تڏهن موج لڳيو وڃي. گهڻي وِيهَڪ جي ڪري ٿڪ ٿيو پوي، يا بعضي ننڊ به اچيو وڃي، يا هڪ قسم جي ولدر هجي ته سڀيئي ان مان خوش ڪونه ٿيندا، ڇو ته انسان جي فطرت آهي ته ڪنهن کي ڪهڙي ولدر وڻي ۽ ڪنهن کي ڪهڙي، تنهنڪري ڪچهريءَ جو رخ به ڌار ڌار نمونن بدلبو رهي، جيئن سڀيئي ولدريا وينا هجن ۽ سڀڪو ان رس جو سواد وٺندو رهي.

ٿر ۾ مڱڻهار، ڀاٽ، چارڻ ۽ ڪَرڙا رهندا آهن. اهڙن موقعن تي ڪي ڪوٽ سان ۽ ڪي اوچتو قسمت سان اچيو گڏ ٿين. انهن قومن ۾ اڪثر ڪيترا سگهڙ ۽ ڪوي هوندا آهن، جن سان وري ڪي ڳوٺاڻا ساهرس به گڏجن، پوءِ ته سائينءَ کي ڇوان، ڳالهه ئي نه پڇو. "سچ ڪُٺي يا پچ ڪُٺي". هڪ رات ته ڇا، پر ڪئين راتيون گذريو وڃن، پر انهن جو لوڪ ادب کٽڻ جو نه آهي. سڀڪو ملوڪ پنهنجو وارو وٺي.

مڱڻهار پنهنجا ساز، سُرندا ۽ سارنگيون وڄائين، لاڳيــ ڳائين. ڪَڪيري اڪائڻ جو شغل به واهه جو موج ٿو لائي، اهو هيئن ڪندا آهن جو مڱڻهار ڪا شيءِ ڪنهن ملڪ يا شهر يـا ڪنهن مشهور مڪان ۾ لڪائيندو آهي، يعني خيالي طرح اها شئي اتي رکندو آهي. اها ڳالهه سگهڙ ٻوڙي ڪچهريءَ کان لڪل هوندي آهي. پوءِ مڱڻهار انهيءَ ملڪ شهر يا هند ڏي،

۴- ماڙي چڙهي ماريي، ڪري سانگياڻي سنا،
ڏنائين گهر ڏوتين جا، چوڏاري چتا،
لڏي ويا چڏي ويا، وڃي وس ويئا،
چوڙي چڏيائون چنن ۾، ڪري قتر قتا،
آءُ ڪسان تي قيدن ۾، منهنجن مارن ميئهن وتا،
هن سڀئي کي "ساوڻ" چئي، هو وساري ويئا،
هينئين جي هينا، شايد سڌ نه هئي سومرا.
۵- ٻارهين رات ياد پيا، منهنجي هينئين تي هنڌڪي،
مارن مٽڪي کين ڪي، چنيءَ جي چنڌڪي،
ماڻهو مهراڻي ملڪ جا، ويا ناڪيڻا لڏنڪي،
ٻڪر ٻاپاڻي ڏيهه جا، ويا چانگن ۾ چنڌڪي،
سڙي دل "ساوڻ" چئي، منهنجي ڪمائي
ڪنت ڪئي،
گوندر جيئن ڪنڌڪيي، ساعت نه پڳي سپرين.
● شاهه صاحب جون ڪافيون.

## ڪافيون

سڪي ٿو منهنجو ساهه، عمر آهين منهنجو پاءُ،
پلو سائين، سڪي ٿو منهنجو ساهه.

۱- رات ستي مون خواب ڏٺو تي، جتي وچڙين ڪئي برسات،
ملڪ وٺو ابائـو، جت ساوا ٿيا گاهه-
پلو سائين ...

۲- ڪوٽن منٽرو ڪونه ليکي، ماڙيون محل مون نه وڻن،
چولڪيون چونرا ڪڙهون سهٽيون، اندر چڃي ارواح-
پلو سائين ...

۳- لاکيون لويون لال لڱن تي، اسان جي ريت اهـا،
پت پتولا آءُ نه پايان، ڏيان کهنبن کي باهه-
پلو سائين ...

٤- ٻنائي گهوٽ ”لطيف“ چئي، مارئي ملڪ اماڻ،
ڪيئي ڇڏ ڪوٽ مان، تو در منهنجي دانهن-
پلو سائين ...

آءٌ ٻنڌ ٻانهي ٻنڌ ڪار ۾، منهنجي سڱڙي لهجو سار،
پلو سائين وٺا نه ميگهه ملار.

١- ڏڻ ڪاهيو ڏڻ واريان، ڪنهن تي خمار،
ماندي نه تي مارئي، ٻاڙي وارا ٻهنوار-
پلو سائين ...

٢- عمر اسان جي ڏيهه ۾، ڏونرن ٻڪا ڏار،
مون جيڏيون ملير ۾، سرتيون ڪن سينگار-
پلو سائين ...

٣- ڪنوٽن خوب خوشيون ڪيو، ڪڪر ڪارو ٻيار،
موڳهون مينهن ملير ۾، ساوڪ ڪيا گلزار-
پلو سائين ...

٤- سرتيون شاهه ”لطيف“ چئي، ڪنوٽن ڪيل آبار،
ڪيئي ڇڏ ڪوٽ مان، واڳ وطن تون وار-
پلو سائين ...

ٻين شاعرن جون به ڪافيون شعر چاهه سان چوندا آهن.
هيءَ ڪافي ”اشرف شاهه“ ڪاموري شريف واري جي آهي:

*

منهنجي ڪل مارن ڪاڻ لڏي،
منهنجي سڌ سانگين ڪاڻ لڏي،
قسمت آندي قابو قيد ڪري.
ادا ڙي عمر ڏالون ويٺي ٻاپان،
مان اڃن منهنجا ويڙهه وري،
منهنجي ڪل مارن—

مَرَڪَ مارن جو ميٺ مٿي ۾،
تِڙ تي رهي منهنجي خان ڦٽي،
منهنجي ڪل مارن--
لاکيڻُون لوڀون لال لڱن تي،
آباڻن آنديون ڪالهه ڪٽي،
منهنجي ڪل مارن--
هن ڀرٽي کان مرڻ موچارو،
لنؤن وهي لائيندس وڙهه وري-
منهنجي ڪل مارن—
"اشرف شاه" چوي ويندس اوڏاهين،
لاهي چڏ دل تان خيال ڪٽي-
منهنجي ڪل مارن—

## سينگار جو بيت

(محبوب جي ساراهه-'شادي' سکھڙ جو چيل:)
ڪيم عرض الله کي، دوست سٽي دلبر،
چوڙي وار ڦٽا ڪيا، ڪارا ڪولڏر ڪڪر،
ڀرون تنهنجا ڀالا جيئن وراڪو وجهن ور،
اکيون تنهنجيون عجيب سهڻيون، ليزا ليڻ ڪڪر،
سولهي لڪ لراڙ تي جيئن جهرڪي ڀيو جهَوَرَ،
سدا ڏند سهڻا اٿيئي، ڀيا ڀٽي لال قمر،
ڏس مُنهن منهنجي محبوب جو، آهي شمع کان سڌر،
مور ڪڇي محبوب جي، ڪولهين والکر ڪر،
عجب سهڻو آرهه آهي، سينو ساڻ سَچر،
چيلهه تنهنجي چارڪ جهڙي، جا وجهي ڀيچ ابر،
پير تنهنجا ڀدمٽا، ڏس هٿن ۾ هنر،
لسين تنهنجن لڪرا ڀڏا، واليون وڏا ور،
لميو ليهي لراڙ لي، آلي ساڻ آمر،

مهتي چيو ته:

نه پڳي ڙي ساڏور، نه پڳي.

ساڏور وري چيو ته:

مينهون هيون ڪنڌيڙيون، وڻيون هيون ٻالڙي ٻمت تي،
شينهن ڪٽي رُوڙ، ٻڇڙي مينهن جي ڪرن ڪما ڪڙڪا،
تو پاليو ته مهتا، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا ڙي، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا.

مهتي چيو ته:

نه پڳي ڙي ساڏور، نه پڳي.

ساڏور وري چيو ته:

ورت چڙهي واهُ تي، د آئي اوڙاڪ جي آڙ ڪا،
پوڻ ڪيري ٻيو تڙ ۾، ته تڙ ڪيا ڪ-ڙڪا،
تو پاليو ته مهتا، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا ڙي، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا.

مهتي چيو ته:

نه پڳي ڙي ساڏور، نه پڳي.

ساڏور چيو ته:

ڪنگرو اڀ آسمان ۾ جهلمو ڪنهن متاءَ،
ڪنگرو ڪيري ٻيو ڪن ۾ ته ٻاٽي ڪيا ٻڙڪا،
تو پاليو ڙي مهتا، ته ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا ڙي، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا.

مهتي چيو ته:

نه پڳي ڙي ساڏور، نه پڳي.

ساڏور وري چيو ته:

سنهي رڏي ٻتري، تڏهن ڏولي ڪيا ڏڙڪا،
ولو چڙهيو چمبَ تي، تڏهن رَبَ ڪيا ٻڙڪا،
تو پاليو ته مهتا، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا ڙي، ٻاٽيءَ ۾ ٻڙڪا.

مهتي چيو ته:

نه پڳي ڙي ساڏور، نه پڳي،

تونگھي منڍڻ تاس رپ، تان رپ ڀوريں موءِ،
اِندرا واهڻ گٿي ڏِسڻ، لسي ٻهراوان توءِ.

تُونگھي=رات. منڍڻ=جوڙجڪ، سوُنهن، سوڀيا. يعني رات جي سونهن يعني تارا. تاس=تنهن جو، هنن جو. رپ=دشمن. تارن جو رپ=دشمن، غالب پوندڙ، مٿاهون، يعني بادل، بادلن جي ڪري تارا لڪي ويندا آهن. تان=تنهن جو، رپ=دشمن، يعني بادلن جو رپ=هوا، طوفان، جي بادلن کي ليڙي پکيڙي ڇڏين، ڀوريں=هڻ، لڳاءِ. موءِ=مون کي، اها هوا مون کي هڻ يعني وڃڻو هڻ.

اِندرا=اندر ديوتا، واهڻ=سواريءَ جو وسيلو، اندر ديوتا جي سواري جو وسيلو هاٿي آهي. گٿي=هڏا، ڏند، ڏسڻ=مان پيدا ٿيل يعني هاٿي جي هڏي، ڏند مان پيدا ٿيل شيءِ=چوُڙا، لسي=وٺي، ٻهراوان=ٻارايان، توءِ=توکي.

مطلب ـــ هڪ مرد ٻنهنجي زال کي چيو ته رات جي سوڀيا تارا آهن، تن جو رپ بادل، بادلن جو رپ هوا، تون جي وڃڻو ڪٿي مون کي هوا هڻين، ته توکي اندر ديوتا جي سواري يعني هاٿيءَ جي هڏن مان ٺهيل ”چوُڙا“ وٺي ٻارايان.

---

(۳) زال جواب ڏنو ته:

اِندرا واهڻ گٿي ڏسڻ، جس تس ڪي هوءِ،
توٺو هوئين تو ٻالما، ڪنچن ڪو رپ موءِ.

اندرا= اندر ديوتا. واهڻ=سواري. (اندر ديوتا جي سواري هاٿيءَ تي آهي،) گٿي=ڏند، هڏ. ڏسڻ=مان پيدا ٿيل. جس تس=جنهن تنهن، ڪي هوءِ=وٽ آهي. توٺو=خوش ٿيو. هوئين=هجين، ٻالما=پيار، ڪنچن=سون، ڪو=جو. رپ=مٿاهين درجي واري شيءِ. يعني سون کان وڌيڪ هيرا، جواهر، موتي وغيره، موءِ=مون کي.

مطلب- عورت جواب ڏنو ته اندر ديوتا جي سواري يعني هاٿيءَ جي ڏند جو چوڙو ته هرڪنهن عورت کي آهي. اي پتار! توهان جيڪڏهن مون تي خوش ٿيا آهيو ته مون کي سون ڪان ۽ وڌيڪ جيڪي هيرا جواهر آهن، تن مان جڙيل ڪا عمدي شيءِ وٺي ڏيو.

---

● ڳجهارتون- ڪيترا سگهڙ وري ڳجهارتن جو شغل ڪن. هڪڙا ڏين پيا ٻئن، ڳجهارت پڇڻ. سڀڪنهن جو ڪم نه آهي. هن ۾ سالم سمجهه جي ضرورت آهي، ڇو ته ٻرائو ڳجهه لهڻ معمولي سمجهه واري ماڻهو جو ڪم نه آهي. ملوڪ ٻهريائين اهو ڳوليندا آهن ته ڳجهارت ڪهڙي سٽ مان آهي، ڇو ته جيستائين سٽ جي سُڌ نه هوندي، تيستائين ڳولڻ ڏکيو ٿي پوندو. سر معلوم ڪري پوءِ ڳجهارت جا بند ڪبا. پوءِ هڪ بند کي خيال ۾ رکي ڳوليندڙ اهي ٽالا وٺندو ويندو، جن جو لاڳاپو انهيءَ بند واري ڳجهه سان هوندو. ڏيندڙ اهي ٽالا خيال سان ٻڌندو ويندو. جي صحيح ٽالو نه ورتائين ۽ ٿورو ڦريل ٽالو ورتائين ته ڏيندڙ چوندو ته واءُ لڳو آهي. جي اهو معلوم ٿيو ته ڳوليندڙ کي وري وڌيڪ آٿت ايندو ۽ هو ڪوشش ڪري انهيءَ نموني جا ٽالا ڳوليندو. جڏهن پورو ٽالو آيو تڏهن ڏيندڙ چوندو ته بس، بس! ڳجهارت ڀڳي. هڪ بند جو صحيح ٽالو ورتو ويو ته سڄي ڳجهارت ڀڳي. پوءِ ڏيندڙ سڄي ڪري ٻڌائيندو ته ڪچهريءَ ۾ واه واه ٿي ويندي. ڳجهارت جو دستور آهي ته ڪنهن به بند ۾ پيٽيءَ وارو لفظ اچي ويو ۽ ٻڌندڙ جي ڌيان تي اهو ٽالو نه آيو ته اها ڏيندڙ لاءِ عيب جهڙي ڳالهه آهي. بعضي ان حالت ۾ ٽوليون ٿينديون آهن، ٻه-چار هڪڙي پاسي، ٻه-چار ٻئي پاسي، پوءِ واري وٽيءَ تي ڳجهارتون ڏيندا ۽ وٺندا آهن.

مٿينءَ ڳجهارت ۾ سومرا لفظ ڪم آندل آهي جو عمر جي لاءِ آهي، تنهنڪري اها ڳجهارت سر عمر-مارئي مان آهي. اهڙيءَ طرح سر سهي ڪيا آهن.

مارئي عمر کي چوي ٿي ته زالون هميشه شادي ڪري آڻيون آهن. تون مون کي زوريءَ ڪٺي آيو آهين. ماڻهو ڇا چوندا، تو مون کي ڪاري يعني عيبدار ڪري ڇڏيو آهي. ڪاري رات کي اونداهي يا انڌاري به چئبو آهي، اها انڌاري، يعني ڪاراڻ. معنيٰ عيب مون تان لاهه. تون جو چوين ٿو ته مون سان ڪلي رهي ويهه، سو ڪل هميشه خوشيءَ ۾ ايندي آهي، سا خوشي مون وٽ ڪاٿي آهي، تنهنڪري ڪل ڪٿان ايندي؟

---

(٤) آنَ جون رَڃڻ ۾ ڇم جون ڇڪيندياس،
عضوي آءٌ ويندياس، ڳاهه مڇي ٻرنانءِ کي.

ان جون = ڏاڍيون. رَڃڻ = مٽيءَ. ڇم جون = ڇوهون.
عضوو = تري. ڳاهه = ناڙو. مڇي = سٽي. ٻرنان = ميهار.

يعني -

ماندڙيون مٽن ۾، ڇوهون ڇڪيندياس،
تَري آءٌ ويندياس، سٽي لڙ ميهار جو.

---

(٥) ڪڻ رَڃ هڻُو وڻ ۾ ڳهه تان ڪيم وسار،
نار نالي نر جي، سير لنگهنديس پار.

رَڃَ = گهڙو. وڻ = سانار. ڳهه = والي. نار = رحمت.
نالو = حبيب.

يعني -

ڪڻ گهڙو هڻُو نار ۾، والي ڪين وسار،
رحمت ساڻ حبيب جي، سير لنگهنديس پار.

اڇوت ٻري ڪان لِءِ هن طرح ڪيڪار ڪندا. ٻرهمڻ، مهيشوري، سونهرا، سامي، مالهي، سونارا، ڪٽي ۽ لهاڻا وغيره هوندا ته اڇوت رام رام چوندا. هو به سامهون جواب ڏيندا، رام رام. ٻوء ڪيڪار مٿئين موجب ڪندا.

مينگهواڙ نڪر سان ملندو ته ٻري ڪان چوندو ”نڪرائي دعا آهي.“ (يعني توکي منهنجي دعا آهي.) نڪر جواب ڏيندو ”دعا ري سرٽي“ (يعني آءٌ تنهنجي دعا جي شرط آهيان.) حاصل مطلب ته تنهنجي دعا جي ڪري لِءِ آءٌ خوش حالت ۾ رهي سگهان ٿو. ٻوء ڪيڪار مٿئين موجب ڪبي.

ڀيل نڪر سان ملندو ته چوندو ”نڪرائي جُهار“.
ٻالدي ٻرين ٻهوار ڪي، ججها ڏيج جُهار.
نڪر جواب ڏيندو. ”جُهار جُهار“، ٻوء مٿئين موجب ڪيڪار ڀليڪار ڪبي.

اڇوتن سان مسلمان هٿ هٿ ۾ ڏيئي ملڻ ۾ ڪوبه عار نه سمجهندا آهن، تنهنڪري گهڻا ٻرهيل ۽ سڌريل اڇوت هٿ سان هٿ ملائيندا آهن. مگر ڪي بلڪل غريب ۽ ٻهراڙيءَ جا اڇوت مسلمانن سان ملڻ وقت چوندا آهن ”ڀلين آئين“. مسلمان جواب ڏيندو ”ادا خير هجئي“، ٻوء ڪيڪار ڪبي آهي.
ٻرهمڻن ۾ خاص طرح ۽ مهيشورين ۾ عام طرح ڇوت ڇات آهي. هو اڇوتن کي ڇهڻ ڪان به ٻري ڀڄندا آهن. باقي ٻيون هندو ذاتيون ۽ مسلمان ڇوت ڇات نه ڪندا آهن.

ٻوڙها ۽ جوان ٻه ٻه چار ڄڻا گڏجي ڪندا آهن. هن ٻر تي ڀارا عاج جا چورس ٽُڪر هوندا آهن، جن جي پاسن تي گول نشان هڪ، ٻه، پنج ۽ ڇهه هوندا آهن، جي هيٺ ساڻ ليٽي گڏ اُڇلائبا آهن.



سارئون، جن کي سوگٽيون به چون، جملي سورهن هونديون آهن. جي ڪاٺ جون گول ۽ مٿان گنبذ واڪر جنبدي چڙهيل، ڪي رنگ ساڻ ٿينديون آهن. چوپڙ ڪپڙي جي ٿهيل، چئن پللدي رنگي جنهن تي خانا نشان ٿيل هوندا آهن، ڪن تي زري ۽ ڪللبات جو ڪم ٿيل هوندو آهي. رانڊ ڪرڻ مهل مرضي موجب ڪولي رانڊ ڪري ٻوء ويڙهي رکي ڇڏبي آهي، ڀارا نه هجن ته انهن جي بدران ست ڪوڏيون به ڪم اَچينديون آهن.

گهٽيءَ ۾ گونجي رهيا آهن. مائي ڀاڳي مٺي شهر جي ويٺل آهي ۽ پنهنجي سڄي عمر ٿر جي شادين مرادن ۾ ڳائيندي وڄائيندي گذاريائين. سندس عوامي فن کي تمام دير سان متعارف ۽ مشهور ٿيڻ جو موقعو مليو آهي. هن وقت سنڌ جي صف اول جي فنڪارن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو ۽ لکين ماڻهو سندس پرسوز آواز جا مداح آهن.

مائي ڀاڳيءَ کان علاوه مٺي جا منگهار - مراد فقير، ڀيرو فقير ۽ ڪالو فقير - به ٿر جا مشهور فنڪار آهن، جن کي ٿر ۾ وڏي شوق سان ٻڌو ويندو آهي. ان طرح ڀڳڙو ڀيل پڻ ساز ۽ آواز جي دنيا ۾ چڱو نالو ڪڍي چڪو آهي.*

ٿر ۾ منگهار فقير آهن، جن جو خاص ڌنڌو ئي آهي ڳائڻ ۽ وڄائڻ، جن جا جٿي ڪٿي پاڙا آهن. سڀني قومن کي پنهنجو پنهنجو منگهار هوندو آهي، جو وهانءَ وڌاڻي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي اچي دهل وڄائيندو ۽ ڳائيندو آهي. پوءِ سڀڪو پنهنجي حال سارو منگهارن کي مقرر لاڳ، گهور ۽ خيرات ڏيندو آهي. ڪٿي وهانءَ ٿيو يا ڪنهن کي پٽ ڄائو يا ڪو خوشيءَ جو موقعو ٿيو ته منگهار اچي دهل وڄائيندو ۽ سارنگيءَ تي راڳ ڳائيندو. تمام ٿورن وٽ هارمونيم ۽ سرندا به آهن، جن تي سنڌي ڪافيون، لوڙائو، سنڌي شعر، خاص ڪري، شاهه ڀٽائي، مصري شاهه ۽ ٻين شاعرن جون ڪافيون؛ ساوڻ فقير جا بيت، ۽ ٿر جا لوڪ گيت، وغيره ڳائيندا آهن. سنيمائن جي طرز جا راڳ ڪونه ڳائين، چو ته اهي راڳ، ڳائڻ وارا ٿورا ۽ سمجهڻ وارا به ڪونه آهن. ٿري ويچارا سنڌي ۽ ڍاٽڪيءَ کان سواءِ ٻي ٻولي گهٽ ڄاڻن، باقي دهل ۽ سارنگي عام آهي، جا گهڻو ڪري سڀڪنهن منگهار وٽ هوندي آهي. ڪي جوان يڪتاري تي به ڳائيندا آهن.

---

* مائي ڀاڳيءَ متعلق احوال بعد ۾ درج ڪيو ويو آهي. - ناشاد

ٽر ۾ شاعر آهن، مگر ڪي اهڙا ڪونه آهن جن جو شعر عام مقبول هجي ۽ ڳايو وڃي ته به سارنگيءَ تي ٽري شعر ڏاليڙو، ليڪيشو، ولاڙو، مٽھار، ٻٽھاري، لاڏيلو وغيره ڳائيندا آهن. ڪي ٻڪتاري، ڍولڪ ۽ سُرندي تي ڳائيندا آهن، جهڙي ڏموني ڪچهري ۽ موقعو هجي. شادي مڱڻي وقت وڻنل ماڻهو گهوٽ تان، جي عام ڪچهري هجي ته ڪنهن معتبر تان ڪجهه رپيا وغيره گهوري مڱڻهار کي ڏيندا آهن.

مسلمان ٽوليون ٺاهي مسجدن ۾ يا ٻئي ڪنهن به هنڌ مولود ۽ مداحون مٺي سر سان آلاپيندا آهن، جو راڳ دل کي ڏاڍو وڻندو آهي. جوڙيون جوڙيون ڪري چوندا آهن. هڪڙي جوڙي اڳ ۾ چوندي، ٻي وري سر ورائيندي؛ خاص ڪري رمضان شريف ۾ رات جو چوندا آهن. رمضان شريف ۾ اسر جو اٿارڻ لاءِ 'جاڳا' به مٺي سر سان آلاپيا آهن.

هندو مندرن ۾ باجي، ڍولڪ، ڪرتال، جالجهه ۽ ڪانسين تي آرتيون ۽ ڀڄن ڳائيندا آهن ۽ ڪئي ڪي شوقين ٻار وندرائڻ لاءِ باجي تي به ڳائيندا آهن.

هريجن قومن ۾ خصوصاً مينگهواڙن ۾ هي رواج آهي ته روز رات جو تنبوري، جالجهه، ڪانسين، دلي ۽ ڪرتال تي ڀڄن ڳائيندا آهن. ڪي جوان سنڌي ڪافيون به ڳائين. ڪي دلو رنگيل ڪل سان مڙهي، ٻاسي ۾ ڪنجهي جي ٿالهي رکي وڄائين؛ ڪي ڪانسيا ۽ جالجهه رواجي طرح وڄائين، ڪي وري نت شت سان هٿ اهڙيءَ طرح هلائين جو چڻ ته ناچ پيا ڪن. شادي، مڱڻي، ڇٽي جمڻ يا وڏي ڏڻ تي ڪاٻه رهاڻ ڪن ته ڀڄن ضرور ڳائين. لوهار ۽ ڀيل به اهڙيءَ طرح ڳائيندا آهن. انهن قومن ۾ ڪي اهڙا ڳائڻا آهن جي پاڻ کي ڀڳت سڏائيندا آهن، انهن جو ڪم ئي آهي تنبورو وڄائي ڀڄن ڳائڻ. ڪي ڀڳت

ڪائيندا ۽ سمجهندا تہ اڇا ٽي پاڻهن ڪيچ ڪان ڪپجي. اهڙيءَ طرح واري واري سان هڪ ڇٽو رالد ڪندو ويندو. هي رالد خاص عاشورن وقت ڪبي آهي.

ڪي ماڻهو تلوار نہ هٿڻ جي حالت ۾ آڪ جي ڪاٺي تلوار وانگر گهڙائي، ان سان رالد ڪندا آهن.

## وهلن جا سوار

ٿر ۾ ڪي ماڻهو اهڙا ٿيندا آهن جي اُٺن ۽ گهوڙن کي گهمائي ھنڌ سيکاريندا آهن، جن کي سوار چوندا آهن. اهڙا سکيل وهٽ مهانگي اگهہ وڪامندا آهن. جنهن ماڻهوءَ کي ھنهنجي وهٽ کي ھنڌ سيکارڻو هوندو، سو ڳولا ڪري اهڙي سوار کي هٿ ڪري ايندو، يا ھنهنجو وهٽ ڇڏيندو. سوار روز ڪجهہ وقت وهٽ تي چڙهي گهمائيندو رهندو ۽ آهستي آهستي هن کي ھنڌ جا نمونا سيکارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو. مهيني ٻن اندر وڪ، ھنڌ، مٽي ۽ گهوڙو ٻہ وڪ، ھنڌ، رلو، ڪُهنب سان هلڻ ۽ ٻيا نمونا سکي وٺندو آهي. ڪي سوار تہ اُٺن کي ناچ سيکاريندا آهن، جو دهل وڄائڻ سان ناچ ڪندو آهي. وهٽن جا مالڪ سوارن کي ھنهنجي هَونڌ آهر اُجورو ڏيندا آهن.

## اٺ ۽ گهوڙا گهمائڻ

گهوڙا ٿر ۾ ٿورا آهن، باقي اُٺ جام آهن. ٿرين جو تہ گذران ئي اُٺن تي آهي. شوقين جوان ھنهنجن وهٽن جي چاڪري ڪري کين ھنڌ هلڻ سيکاريندا آهن. ڪي وري ھنهنجا وهٽ سوارن جي حوالي ڪندا آهن، جي ھنڌ هلڻ سيکاري ڏيندا آهن.

اُٺ جي مٿان جهل (جي هوندي تہ) وجهي رسيءَ جي وسيلي ٻوئين خالي ۾ ويهڻ جي جاءِ ٺاهيندا، جنهن کي ٻڙهو يا ڏور چئبو آهي، جنهن ۾ سوار هوندو آهي، ٻاڪڙو ڪوٺ وجهبو آهي. گهوڙي کي لغام ڏيئي صرف ٽل وجهي (يعني هنو نہ

جھنڊري اھو ٻاسو سنتول يعني ڪجھ ڳرو نہ ھوندو. ھن کي "روڙھو" چئبو آھي. ھي گھٽو ڪري چار جي وڻ مان ٺاھيندا آھن. اھو گھوٻاٽي والڪر ڏڪ ھڻڻ ۾ ڏاڍو ڪمائتو آھي. ڪنھن ٻکي يا وھٽ کي ٻري کان ٻيھي ھڻبو نہ ٻکي تہ مري ويندو نہ تہ بہ گھاٻڙ ٿي ڪيري پوندو. ٻر وھٽ کي اھو ڏڪ ماريندو ڪوڏ، مگر اثر ڏاڍو ڪندو آھي. ڪڏھن ڪڏھن ويڙھو اٿن ۽ ٻڍين کي ٻچائڻ لاء روڙھا ڪم آڻيندا آھن.

ڪنوڻ ڳوٺ ڪنڌي جو ڪاڏو خواجن،
ڦاڙي ٻيٺ ٻيڍي جو لاڻو لاکيڻن،
ڪنيو مال موڏين جو، ڪري ٻتيون ٻوشيدن،
ٻنيان تن ٻوليس جون ڇوليون ٽيون ڇلڪن،
بندوقون تن بهادرن جون ڪڍيون ڪين ڪسن،
باوڻجاھ باھر وليمشا اڃهو ٽا اڇن،
سوجهاڪي جو سلار ڪوٽ ۾ ڪيا ٻُهڪا ٻيلاٻن،
ڇڏيون ٽي چرڪ مان ٻيڍيون لهاڻن،
اگڙي ٽيڪي نہ الڳ تي نہ ليو لانگوڻن،
هٽي سولنڌو ساجن ڪي ٻڌو ٻيلاٻن،
ٽپي ٻيو ڏهل ۾ راڏو منجهہ گهرن،
ٻيٺي مار ماڙڪي تي ڦالو منجهہ ڇنن،
گهٽي ٻيا ڪياڻون گوٻي جي ٽا ٻمنداس ٻچن،
نہ آهي ميار مڪيءَ تي، گوٻو ٺاھ گهرن،
قطباڻين مان ڪين ٽيو، ٻڳا ڏالهن ٻيڻن،
ٺاڻيدار بہ تن جو، صوبدار سندن،
مُڙس مُريد خان هو منيوال منجهن،
ڀڇندي ڏناڻين ٻيڙ ۾ سامهون ٽيو سوُرهن،
گهوڙا ٻئي ڳنڍي وڏا ٺاهي جوڪو جوالن،
ورندي ڏلائين وات ۾ لوُڪڙ جيئن ليڪن،
ٻچي چڙهيا ٻيٺَ تي ڪبڙ ۾ ڪسڪن،
ڏٻوو چغل تن ۾، ٻيو سڄڻ ٽا سڏجن،
ڏيو چوُلڪون چاھ مان ونيو آت اڇن،
هوڪاريو هنن مان ميڙيو مال ڪين،
ڪيڏيو طاق اجرڪن جا ڪياڻون اکونيون اٽن،
ڪيڏي ڪنگڻ سون جا وڏالون هٽن،
سارو ڏينهن سوپارن ڪي ڳايو ڳيتارن،

ٻوڪ ڀڏي ويٺي ٻاٽي ۾، ٻيحال ٽرجون ڪيڙيئون،
نصير واهه اڳو لهڻي سان، ڀڏڻ لڳيون ڀيڙيئون،
ڪتر ته ڪاله رهي گنڌام جي، ٻرجي ويئون سيريئون،
ڪريان ڳالهيون ڪهڙيون، ساري سنڌ ساڙي هليو.

٣- ڪاڏي ٻيد تي گدام جي عمر ڪاله اڙي،
چوڏهين ڏينهن چوراسيئي ۾ ملڪ مينهن پٽري،
مٿيان شهر سنڌ جا ويا گدام جيٺن ڳري،
مال دلڪ درياءَ اڪريا ويا ميرکهه سڀ مري،
منهاٽا آيا مير ٻور جاڪوله ٻوي ڀوري ڪي ڀڙي،
مينهن ڪم ڪري، وهي ٻڏائين سڄي سنڌ ۾.

٤- مٽو مينڙيو ڪيائين، هيڪائو هر ٻار،
واهڙون وچولهه لاٽائين، ڪوهڙ سين ڪڪر ٻار،
ڏيٺي لاهه لالي تي، گڏيائين ڪاريو ٻي ڪنهار،
جوڙي هن جهنجهٽ ڪي چوٽين ڏينهن چيلهار،
ٻڪو آيو جوڙيو وٽي، حڪم ٿيو هر ٻار،
ڪوهڙ هن ڪاٽي جي ويٺي ٻني ڪان ٻاهار،
ڪولهڙ ڪيرايائين ڪارٽي جا وڏي ڏينهن لٽوٽهيار،
جهلي سڙڪ سانياسر جي ٻڳو مٽي شار (شهر)،
ڪڇا ٿانءَ ڪنهارن جا ڪنڌي ڪيار ڳار،
مالا وڇايائين مينگهواڙن جا موڪل تي موڪار،
ٻڌرو ويو ٻو سرڪي ڪري، ڪاڪ مٿان هوڪار،
ٻالوٽون ڪيائين ٻاٻوهر تي، ٽويا ٽرايون ٽار،
ڏتي چنڊ ويو ڏيپلي، ڪاله ڪيائين ليهار،
پٽريا ولڪو، وٽ، ساموٽي، آيو ڪس لاڙ،
ڪاميڙ يا ڳانءَ فرق ٿيا، ٿي هٽ - لاڙ ٽلهار،

١- الله! هُو اڪيلو نروار ٿي، ٽپڪيون ڏيو وهي،
جهَوڙ ٿئي وڃي جهاڙن تي، لوليا ڪريو لهي،
ليٽ پٽنو ڏيندي پاڇرين کي، ڪالهيو ڪَنهي،
هي ڪيئن رهي، جو موسم وڻئي آهي ميلي.

٢- موسم وڻئي آهي ملي، جنهن جو ويساهه پڳي ويس،
آيرو ڏسي تون آڙ مَ ڪر، مٿي ڪندو سانءِ ڪيس،
لڪريو تون ملڪ مان ڏينهان ڇڏ ڏيس،
سا به نه ڏيندس سيس، جو آهين ڪميڻي
ڪَنهن تون.

٣- ڪميڻي ڇئين ڪَنهن کي، ڪالهي تنهنجي ڪاڻ،
سڀ ڪان سوڪو آهي، ڪيبري منجهه ڪاڻ،
پولائي تنهنجي پني ۾، اهڙا اينديس هاڻ،
توکي ريلي پني پيلي ڪندس رالديون ۽ رهاڻ،
ڪالهه هلي ڪاري تنهنجي ڇو ڪرين ٿو ٽاڻ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ، ڪهڙو قصو ڪندين ڪَنهن سان.

٤- قصو ڪندس ڪَنهن سان مون کي ڏينهين
لنيو مَ ڏِسَ،
پور پيتا پوکن ۾، تون ڪيئن مَرين ٿي ليسَ،
آڏ پڌيو تون اڄ جي، ڪرين ميگهواڙ سان ميس،
ڪَنسَ مٿان تون ڪيسَ، پا ٿي پاهر پني ڪان.

٥- ڪيئن ٿيان پاهر پني ڪان، تون ريت سا رهاءِ،
سيڏي اينديس ڪَنئي ڪري، تون مون کي
ڪندين ڇا،
هُيي ڪندين ڇُيي ڪندين ڇڏي ڏي هي ڇاليا،
ويهي لاهه لنعي سمن، تون ڏس مُڪاهدا،
هڪڙي اڏي پي ڪنڏي، ڦاٽي ويا هارين جا پاڪا،
اهڙائي هاري هُنئا، تون ڪو ڏاڍو ڏاهو آهين.

٦- آءٌ ڏاڍو ڏاهو آهيان، ويندس ڪينڪو ڪٽي،
لاسيمُ ڏسي لڙائي نہ ڪر، ڇڏيندس ٽوڳڻ سان ڦٽي،
ويجهي نہ اچڻ ڏيندس واڙ کي، چاڙهيندس پٽ کي سٽي،
هڪڙا هڻندس پيا ڪٽيندس، هل ۾ ٻوڙا ٻٽي،
هاري ڪاڍو ڪُٽڻ ٽڪائن، چڱي طرح تي ڇٽي،
اهڙا ڏينهن تي ڪٽي، سا ڪيئن وري کهہ ايندي.
٧- ٻيهار ڪٽي ڪين ايندس، ٻر آهيان ٻيلوڪي ٻہ هيت،
ويندس هلي وطن تي، مون کي رات ٻيئي جيت،
ڇيتي ٽيان چالهين تي، ٽوهن ڪان اچي ٻيت،
منهنجي ليکي ڪٽ، آءٌ ڪندس لحاظ لاڪو جو.
٨- تون ڪهڙو لحاظ ڪندين لاڪو جو، جنهن کي ڏکهو ڏسي ڪيو ٽشي ٻپ،
هولڇي هڻندو هاڻيءَ ۾، مٽان ڏيندو ڏپ،
تون رُهلا ڪندين رٽن ۾، هو لوهہ ڏيئي پرندو لپ،
مٿان ڏيندءِ ڏپ، تہ وهندءِ ليئيندي اس ۾.
٩- وهندي ليندي لس ۾ آءٌ لنبي ويندس لڪري،
جڏهن مڙسي مون ۾ تي تڏهن ايندس ٽري،
لڙهندي آءٌ لري، ساري سٽرهہ ٽيري،
جيڪو مون سان وڙهي، سو ڪونہ ڏسان تي ڏينهن ۾.
١٠- ڪونہ ڏسين تي ڏينهن ۾ ٻر ليٽ مٿريو آهي مارو،
جنهن وٽ هنر گهڻا پيو ڪرڻ نہ ڏيندءِ ڳارو،
لياڙو مٿرئي موڪليو، تہ ٻيريان اوڍهين وارو،

هُو تہ گرڙ ڳَسي ڪين، تو سان ٽيندو ڪارو،
سٽيندو لوڪ سارو، تہ اهڙا ڪم ٿيا ڪهہ سان.

١١- اهڙا ڪم ٿيا ڪهہ سان، ڪيئي ڪيو آهي ڪُوڙ،
ٻيڙي ٻنهنجو ٻاڙو، مون کي ٻڪ ٻيم ٻروڙ،
ڪين ڇڏيندس ان کي، جهيڙو ڪندس ضرور،
ٽيندڙ لاءِ ٿي لپ ڏيان، جهٽ ڏيئي ڪندس جهُوڙ،
اِي سيٺا جو سُور، مون کي آهي من ۾.

١٢- اي مهٽو ڪنديس من ۾، تہ ٻل نہ رهنديس ٻل،
لياءُ لٽيرون لبي سر ۾، ميني ۾ تون هل،
تعلقي منشي جي آءٌ، پريندڙ آهيان ڀل،
عرض ڪيم انگريز کي، آيو تہ اُڌائيندو ڪل،
ڪيئي تون "ڪالهي" سان، ڪهڙو ڪنديس خلل،
ڪهڙو قصو ڪنديس ان سان جنهن کي ٽاهڻ جي آهي ٽل،
ڀهر ٻانئي ٻل، هولڇي هٽندو هاهيءَ ۾.

١٣- هولڇي هٽندو هاهيءَ ۾، رات جو آهہ ويڙهو،
ڇپ تنهنجي ڇٽي تي، ڪولہ ڇڏيندس سيڙهو،
اڃين تو آڪڙ مان، ٻر ڪهڙو ڪنديس جهيڙو،
ڪولہ ٻوان ٿي قبولي ۾، ٻاهر ڇڏيو مون ڏيرو،
جڏهن ڪيم ڦيرو، تڏهن ويندس ڪالا ڪيرائي.

١٤- وينديس ڪالا ڪيرائي، آءٌ تہ ڇڏيندس تاري،
تون خوشيون ڪرين ٿي ڪاڻ لاءِ ٻٽن تي ٻاري،
الا آهي جوٽيڇي جو، اهو حق وهنواري،
ٻني فقير محمد جي، آءٌ آهيان هاري،
توکي ڇڏيندس ماري، ڏ تہ وڃ سيٽي سنڌ ڏي.

١٥- وڃان ٿي سيڌي سنڌ ڏي، ڳوليتا ڪندي ڳس،
سنهيڙو وڃان ٿي سارڻ تي ليها ڏيندي لس،
ڀرڻ ڀَٽ اوهان جو ڪيندس ٻوءِ وڃي ڪس،
ساري آءٌ ساوڻ ۾ ماڳهين ڏ- ڀاهسان مس،
مون کي چاري ڏلو چس، وات نہ ڪيان وٺن مان،
١٦- وات نہ ڪيلڊيڻ وٺن مان، ڪرڻ ٿي موت لاءِ،
هيئنر هن هر ڀار تي، آهن ٻہ جوٺيا،
مارڻ لاءِ مالدا آهن، جي ايندءِ ٻہ اوچتا،
ڪسڻ جهڙا هرگز ناهن، ڪيئلدا تنهنجو ساهہ،
ٿون جيسين ڪرائيندڻ نياءُ، هڙو ٻُهاري هٽندا
ڀورڻ ۾.
١٧- ٻُهاري هٽندا ڀورڻ ۾، تون ڀندا چڏ ٻڪ،
ڪارڻ تان ڪيڙڻ جي، آءٌ مڇر ڪيندس مڪ،
هٿ نہ هاڻ لڪان، مون کي سورهان آنا شڪ،
ڀرور ڏي تون ڀڪ، تہ آڏامي چڙهان اڀ کي.
١٨- آڏامي چڙهنديڻ اڀ کي، چَري مَ وڃ ڇوري،
ڪُڏڻ ٿي ڪتي ۾، مالکهہ وجهندءِ موڙي،
سيڙکي تون سمجهي مان، ٿمنديڻ سيءُ
۾ سوڙهي،
ڀيل ڀيڙا وينا آهن، ڀيا ڪوٺي ايندس ڪوڙي،
ڀندرهن ڳالو ٻَهر ۾، ڪانهيا هليو ڏوڙي،
ڏٺي ٻہ ڳڏيا ڏوڙي، اٿ ڪندا مارو مڪڙن ۾.

---

**علي ٻخش نهڙيءَ وينل وڏي تعلقي ڏيهلي جو چيل شعر:**

ڳهڙي ڳوڏي سان ڳڏ ڳوڏو ڳڏي ڳوهر ڳذاري وڃ،
منا مسڪين کي موهي، نہ ماٺن سان تون ماري وڃ.
١- سدا دل تي سڪي منهنجي، سڄڻ سڪ سُرڪ
لئي ساقي،

طعنا هڻين تو تڪڙا، دوست تون دلدار،
توکي ٻ ٻنيو ٻاڙي مان، ملي تو منار،
آءٌ ٻ ٿيندس الهي ۾، پاڪي پائيوار،
پيا مون کي مرڪڻ جا تو مهڻا ڏئين موچار،
۾ خاص منهنجي خاندان جي، سڀ خاصي خبرچار،
آهيان وڏ گهرائي واڳهن ۾، پيو چيتن ۾ چوڏار،
نسل منهنجو نسورو، آهي شينهن ۾ شمار،
سڀ سبق سُرت ڪر، سمات جا سردار،
هت ساجن آئي سٿون مهنو، توکي ٿيو تيار،
آءٌ نہ آيس اڳ ۾، تنهنجي اڳڻ پار،
هينئر حُب هينئين ۾ ٿي، همٿي جي هيڪار،
تڏهن آيس تڪڙي، هردم ٿي هوشيار،
نہ وڏاءٌ من ماڻهن ۾، ٻراڻ ٻسي ٻگهار،
ٻاڙو نہ ٻول ٻليءَ سان، متان لاڻ ٿئين لاچار،
وڏا وهم وسار، نہ تہ سڏو سميجن ۾.

---

حاصل فقير- حاصل فقير وسائي ٻولو، ويٺل ڳوٺ ڪالڪٽهار رحم علي، تعلقو مٺي، هڪ سنو سگهڙ ۽ شاعر آهي. سندس ڳيچ ڪلام چيل آهي، ان مان ٻمولي طور هتي فقط سندس سوال ۽ جواب بيتن ۾ ڏجن ٿا.

ڳوٺ ڪالڪٽهار جي اُتر طرف هڪ ٽوپو آهي. ان ٽوپي جي اُتر طرف اسلام ڪوٽ ڏي رستو وڃي ٿو. ان رستي تي ٻنهين جي ڊنگ وٽ هڪ ڪنڊي بيٺل هئي، جا سندس سؤٽ رحم علي وڍائي، گهڙائي، ترائي، ٻنهنجيءَ جاءِ جي آڏو کوڙائي ڇڏي. حاصل فقير جڏهن اتان لنگهيو تڏهن ڪنڊيءَ سان هينئين موجب گفتگو ٿي:

فقير- هُنءَ هن هند ني، ڪنڊي ٻيئي ڳالهه،
وارا توکي وڏي ويا، تنهنجا ههڙا ٿيا حال،
اڄ ٻئي ڪنڊي ٿيو ٻيئي آهين، جر وهائي جال،
مون کي ٻڌاء ڳالهه، معنيٰ الهي مذڪور جي.

ڪنڊي- معنيٰ الهي مذڪور جي، ٻڌج اهو ٻول،
ٻه ڇٽا ڏکڻ طرف کان آيا، رُلندا ڪٽي رول،
کڻي وڏائون ڪُهاڙن سان، جهڪو تي
ويو جهول،
فقير! الهن ڳالهين جو، ٿورو تون نه قول،
آهي ڪُهڙ تي ڪنٽرول، مون ماڻهين کٽي
ماٺ ڪئي.

فقير- ماڻهين ڇو ٿي ماٺ ڪرين، ظاهر ڪر زبان،
اڪل ناهيان لوڪ ۾، ڪنڊيءَ مثل ڪان،
ٻارهن ٽڙن جي وچ ۾، ليزي جيئن ليمان،
ڇور مون کي ثابت ڪري ڏي، هڪڙو آهي لقمان،
ٻيو ٻڌاء ٻروچ کي جو مُڇي تو مڪان،
دلگ جي ڪنڊي وڏجي ويٺي ملڪ ٿيو ميدان،
تپيدار ۽ سپروائيزر وٽ لقمي ۾ لمان،
آءٌ دالهيندس ٻنهي وٽ، هت آئو ٻوڙهو ٻهلوان،
ڏاڙهي ان جي تيري ڪندو، ٻئي ٻاڪستان،
ڳولو هولدو خان، ته ٻه آءٌ اٿلائي هٽندس جيل ۾.

ڪنڊي- اٿلائي هٽندين جيل ۾، اهو آهي سو الموت،
مون کي جو وڏي ويو، سو سڳو تنهنجو سوٽ،
اها خبر خاجن کي، مليل آهي موت،
منهنجي دالهن خدا کي، جنهن کي هرڪو
ڏئي ٿو ووٽ،

ڪڏھن ٿيندي ڪالھ ڪا ان جي خرالي کي ڪوٽ،
ٻندو ڪائي ٻالوت، ھو ڪڏھن ڪائيندو ڪينڪي.
فقير- ڪڏھن ڪائيندو ڪينڪي ھن جي ڳالھ ٻري،
ٻجيرن جي سيم مان، توکي ٻروڇ ٻان ڪري،
ٻيرق ڪري بيھارياڳون، لوکي سو تري،
ماڙيءَ ڪان مٿي ٻيني آھي جھنبي جھڙ ڪري،
ٻرلٿون ٻير ٻري، توکي ھرڪو ڏسندو
"حاصل" چوي.
ڪنٻي- ھرڪو ڏسندو حاصل چوي، مون کي ڪيو مضبوط،
ڏينھن جي ڏسڻ لاءِ تڪيو ڪيائون تابُوت،
سائو ڦڪو نہ گھرجي، مون کي سو ماھُوت،
ان ڏي ن جي ڏوھارڻ ڪيائون، جنھن ڪان
ٻچي ويندا پُوت،
سندرو جن ٿابوت، تُرھو تن جو تار ٻر.
فقير- تُرھو تن جو تار ٻر، ھولدا جي ھيٺا،
ٿيندا ان ھند تي ٻڏيءَ جا ٻيٺا،
وڌا ھولدا ٻند تي، فقيرن ٿيٺا،
تنھن جا آھن ليٺا، **الھي** ھند تي "حاصل" چوي.
ڪنٻي- ھن ھند تي "**حاصل**" چوي، مون سان واھر
ٿيندو ٻير،
ٻر لٿين سر منھنجي ٻت ٻر، آھن تڪا لڳا تير،
ورتي ٻہ منھنجي ٻسّت ٻر، کھکي ھنما تير،
صفا آءٌ سير جي، آدمي ٿيس آخير،
ھاٿي فکر جا فقير، ھت تي ڏينھن گذاريان.
فقير- فکر جا فقير چوي، آھن ڏينھن گھٽا،
مڙس اھي مري ويا، جن جي مٿي ٻر مٺا،
ڪل نفس ذائقة الموت، تو ڳاھو ڏينھن ڳٺيان،

سورن جي سنسار ۾، ڇپيان ٿو ڇٽان،
شاهه سمنڊ ٻوڪي ويو، مون ٻوڪيا سي ٻٽيان،
خدا جي ڏينهن ڏنا، سي خوشي سان ڪٽان،
آءٌ ڪڏهن ٿو وٽان، جو سچ ٻڌايان ٿو
سيکنهن کي.

ڪنڊي- سچ ٻڌائين ٿو سيکنهن کي، پر اڃا سچ کي سوچ،
آءٌ ڪيري ٻولڊس ٻٽ تي، تڏهن ٻاريندا ٻروچ،
جيڪڏهن ڪاٺي لڪري ويٺي، ڇولدا اڃا
اڳتي گهوچ،
اوهين اهي آهيو بلوچ، جن سور ڏنا هٿا سسٽي کي.

فقير- سور ڏنا هٿا سسٽي کي، نه ته لنڊ نه ڪري ها،
جلد جاڳي تن جتن کي، وڇون واري ها،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، ٻُولڊڙ ٻاري ها،
ٻڌل هوت ٻنهون کي، وڃي ڇڪي ڇوڙي ها،
جلدي ڪيڏي ها، وڃي هٿڪڙي هوت جي.

ڪنڊي- هٿڪڙي هوت جي، وڃي ڪيللو ڪير،
ٿو پياري سو ٻُر ڪري، جنهن کي گهٽي
آئي گهير،
صبح جو سجاڳ ٿي، ٻوء ڪنيائين ٻير،
ڏوهي آهن ڏير، ڪولهي ڏوهه سسٽي جو.

فقير- ڪولهي ڏوهه سسٽي جو، هُو بلوچ هٿا سي ٻر،
وري نه هن لوڙهه تي، اچي ساڳي ڏنائون سر،
ڪڇي ڦوڙهي کي ڦيهنديس، ته وري ڪندءِ ور،
هُٿين لماٺي لڏر، پر هٿ رکي هوت ڪٿي.

ڪنڊي- هٿ رکي هوت ڪٿي، آري هو اشراف،
مون بلوچاڻو بحث ڪيو، مون کي ڪهاڻءِ معاف،

ننڍيو ويو نه ڪري، وڏو آيو ڪانءُ،
ڏيئي ڪي رک صاف، هن دنيا جي دار ۾.
فقير- هن دنيا جي دار ۾، ڪيئين مالڇهي ٿيا مٿير،
لکين لال لڏي ويا، نه نڀيان رهين ٻير،
آءُ به انهن جي پٺ ۾، هليو ويندس هير،
سڀ لهي سانڍهي ٿي، مٿان پنهنجي وڃي مير،
مون کي تنهن تي اوير، گهرو ڪم گهٽا آهن.
کنڀي- گهرو ڪم گهٽا آهن، دعا ڪجانءِ درويش،
آءُ به اوهان جي پاڙي ۾، پيئي آهيان پيش،
هڪڙي نظر خدا جي، پيو ڪندو جو قريش،
حاصل تون هميش، پڙهه ڪلام محمد مير تي.

## جديد شعر

● "ناشاد" — "ناشاد" (فرزند مصنف)، ويندل ڳوٺ جيلهار، تعلقو ڏاڦرو، جديد شاعريءَ ۾ چڱو نالو ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ ايم-اي آهي. نظم، آزاد نظم، غزل، وايون، گيت ۽ ٻيو شعر چوندو آهي. سنڌ جي سڀني ادبي رسالن، خاص ڪري "مهراڻ" رسالي ۾ سندس شعر ڇپبو آهي. نئين ٽهيءَ جي ٻرک شاعرن ۾ سندس شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس شعر جا ڪي نمونا هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ ٿر جي ماحول جي عڪاسي آهي.

### نظم

مون ته پڙهيو آ:

ڌرتي سڀني جي آ جهول،
ماءُ ڪڏهن ٻي پار نه ماري!

ٿر جي ڌرتي:

لئوءِ ۾ لوساڻيل ماڻهن جو،
رت پيئي پيئي ٿاري ٿاري.

اهڙي آيل:

هنج جي هيج ڏيڻ جي ٻدران،
ماروئڙن کي روز ڏڪاري!

هر هڪ ساعت:

مورن جهڙن معصومن کي،
ڪير جي ٻدران آڪ پياري.

هر ٿر واسي:

جيجل جي هن جاڙ تي هر پل،
ريت تي روئي هنجون هاري.

سوچيان ٿو مان:

هن ڌرتيءَ کي ڇا ٿي ويو آ؟
ماءُ جيئي ٿي ٻار کي ماري!

## نظم

واريءَ ٿي هي هڏاون ڍيرا،
منهنجي ساٿيهه جو ڏس صحرا،
ٿر جي ٿر ۾.

رڻ مان رت جي بوءِ اچي ٿي،
ڳاڙهي ٿي وئي ريت جي رنگي،
ڍهٽر ڍهٽر ۾.

لوءِ ۾ ڪيئي لاش سڙن پيا،
لُن تي ڪيئي ڪنگ مڙن پيا،
پٽ پڌر ۾.

وارياسي جون وستيون ويران،
جندڙيون ساريون حيران حيران،
شهر شهر ۾.

منـڙا مـارو ماڳـا ڇـڏي ويا،
انَ ڪـٽي لئہ دور لـڏي ويا،
ڪوہ نہ گهر ۾ .

ڇـڪي هيـشي ڇـڪي مـڻي،
هيل ڪري نـا ٻـولـن ڦـڙي ٻي،
راڳـاسـر ۾ .

پيـٽ ۾ پـٽـڪي هرڻ هـنيلا،
تڙهي ڦـٽـڪي مـور مري ويا،
ڪارونجهـر ۾ .

اي ٿرواسي! تـي نہ اداسي،
جاڻ اچـي ٻهـتـي چـومـاسـي،
ڏس تہ اُتر ۾ .

## وائي

مـاروُ! تـي م مـلـور،
جاڻ اچـي ٻهتي چوماسي!

اڄـہو اُتر ڪان آڳـم ايندو، آس مَ لاهـج مـُور .
وَسَ وري ٻو بس نہ ٿيندي، ميـنهن ٻرندو جو پـُور .
وار وچاڻ، وڪ وڪ واسڻ، دلـم جـو دستور .
واريءَ تـي وسـڪارا ٿيندا، پيـٽ پيـٽ تـي پرپور .
آنهنجي دڙن جي ديس جا سارا ڏُکڙا ٿيندا دُور .
آنَ ۾ آ ايمان بلاشڪ، مـَن تـيـنـدءِ مـسـرور .
منهنجو ملڪ ملير ميان، ٻـر آهيان هيت مجبور .

١٠- لاڏيلي ري جان ۾ جيٺل جي تي مالهي،
هالي ري ڀنيجيئا، تا هجي جان سنهوڙي ري لال.

١١- لاڏيلي ري جان ۾ ناڻي جي تي مالهي،
هالي ري ڏوهيٽيرا، تاهجي جان سنهوڙي ري لال.

١٢- لاڏيلي ري جان ۾ ڏاڏي جي تي مالهي.
هالي ري پوترا، تا هجي جان سنهوڙي ري لال.

١٣- لاڏيلي ري جان ۾ ڪاڪي جي تي مالهي،
هالي ري ڀاتريجا، تا هجي جان سنهوڙي ري لال.

١۴- لاڏيلي ري جان ۾، مامي جي تي مالهي،
هالي ري ڀاڻيجا، تا هجي جان سنهوڙي ري لال.

١٥- لاڏيلي ري جان ۾ ماسي جي تي مالهي،
هالي ري ڀاڻيجا، تا هجي جان سنهوڙي ري لال.

● لاڏيلو- هن گيت ۾ زيورن جو ذڪر آهي، جو زالون گهوٽ جي ساراهه ۾ ڳائينديون آهن. ڏار ڏار زيورن جي نالن وٺڻ سان گيت کي ڪيترو به وڌائي سگهبو آهي.

وراڻي —

سائي تسر جو رومال، ڏوبڻ ڌوئي ڏي رومال،
ڀورل ڀاءُ جو رومال، ڌوبڻ ڌوئي ڏي رومال،
پرتاب ڀاءُ جو رومال، ڏوبڻ ڌوئي ڏي رومال.

ويندو گهڙائي لاڏو سون جو،
ويندو گهڙائي پرتاب سون جو،
سون سان سنڱرو رومال - ڏوبڻ ڌوئي ڏي رومال.

ٻولي گهڙائي لاڏو سون جي،
ٻولي گهڙائي پرتاب سون جي،
سون سان سنڱرو رومال - ڌوبڻ ڌولي ڏي رومال.

ڪُڙڪُون گهڙائي لاڏو سون جون،
ڪڙڪون گهڙائي ٻرتاب سون جون،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

دوهيري گهڙائي لاڏو سون جي،
دوهري گهڙائي ٻرتاب سون جي،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

ڪنڙيون گهڙائي لاڏو چالديءَ جون،
ڪنڙيون گهڙائي ٻرتاب چالديءَ جون،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

لسٽ گهڙائي لاڏو سون جي،
لسٽ گهڙائي ٻرتاب سون جي،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

هار گهڙائي لاڏو سون جو،
هار گهڙائي ٻرتاب سون جو،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

تسبيهون گهڙائي لاڏو سون جون،
تسبيهون گهڙائي ٻرتاب سون جون،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

جهُومر گهڙائي لاڏو سون جا،
جهُومر گهڙائي ٻرتاب سون جا،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

منڊيون گهڙائي لاڏو سون جون،
منڊيون گهڙائي ٻرتاب سون جون،
سون سان سنڙو رومال - ڏوہڙ ڏوئي ڏي رومال.

● مورڪنڙو — گهوٽ وهنجي، ڪپڙا پائي، مور ٻڌي، تيار ٿي گهوڙي يا اُٺ تي چڙهندو آهي، ان وقت زالون هي گيت ڳائينديون آهن.

ساسُورو آڪڙو ٻَري ڪيو-
مالري تو لاڪا آمڻ ٻور ري-ليهو جهرليو.
(سَسُ جو اڪ سڙي ويو، منهنجي آمڻ ٻير ٻ ٻير لڳا آهن)

ساسُو رڏي رَڌڙي،
مين تو رڏي منڙي ڪير ري-ليهو جهرليو.
(سَسُ رب رڏي، ۽ مون مٺي کيرڻي رڏي آهي.)

ساسُو ري رَڌڙي ڏُري گئي،
مالري تو جيمين وڏ ڙرا ٻير ري-ليهو جهرليو.
(سسُ جي رب هارجي وئي ۽ منهنجي کيرڻي وڏا ٻاءِ
ڪائين ٿا.)

ساسُو ڏاري ڪوهي،
مين تو ڏاري ٻُورڪي مينسَ ري-ليهو جهرليو.
(سس ٻوڙهي ڍڳي ورتي، مون ٻُوري رلڳ جي مينهن ورتي.)

ساسُوري ڪوهي مري گئي،
مالري تو ڏوجهي ٻُورڪي مينس ري-ليهو جهرليو.
(سَسَ جي ٻوڙهي ڍڳي مري وئي ۽ منهنجي گهر
ٻُوري مينهن ميڙي ٿي.)

ساسُو اوڍي لوڙي،
مين تو اوڍيو سچو سارُون ري-ليهو جهرليو.
(سَسَ اوڍي لوئي اوڍي، ۽ مون ريشمي چُني اوڍي.)

ساسُوري لوڙي ڦاٽي گئي،
مين تو اوڍي مَنڪُو مارڙو ري-ليهو جهرليو.
(سَسَ جي لوئي ڦاٽي وئي ۽ مون ريشمي چُني اوڍي
مَنڪُو رالد ڪئي.)

ساسُو ٿان ڪاڏي ڪاري ٿالـڪ،
مينان تـو ڪـاڏي ٿنيئي وڃون ري-ليهو جهرلمو.
(سَسُ کي ڪاري ٿالڪ ڏئگيو ۽ مون کي هڪ
ٿنيڙي وڃون ڏئگ هنيو.)

ساسُو ڪري دوڪ ڏَيان،
مينان تو آيو هـرڙي هاسو ري-ليهو جهرليو.
(سَسُ رڙيون ڪيون، اهو ٻڌي مون کي ڏاڍي کل آئي.)

ساسُو سونگي سُوڻيکٽي،
هـُون تـو پيشان سيل ٻيڙي ري-ليهو جهرليو.
(سَسُ ٿاس ڏئي ۽ آءٌ سيل ٻيڙي (سگريٽ) پيئان ٿي.)

● لاڏيلو — هن گيت ۾ گهوٽ لاءِ ٿهرايل زيورن جو ذڪر آهي، جو گهوٽ جي تورڻ وٽ اچڻ وقت زالون ڳائينديون آهن.

وراڻي- تيل چڙهيو لاڏو تورڻ اچي- جهالر جَهڙ جَهڙ جهليو،
لاڏيلي ري جان ۾ وَري- تيل چڙهيو لاڏو تورڻ اچي،
تيل چڙهيو جواهر تورڻ اچي.

١- وينـدو تنهنجو هيـرن ساڻ سولهي،
لـکـور لاڏيلا، ويندو تنهنجو هيرن ساڻ سولهي،
جواهر لاڏيلا، ويندو تنهنجو هيرن ساڻ سولهي،
جهالر جهڙ جهڙ جهليو- تيل چڙهيو......

٢- دوهري تنهنجي مالڪن ساڻ سولهي،
الله بچائي لاڏيلا، دوهري تنهنجي مالگن ساڻ سولهي،
جواهر لاڏيلا، دوهري تنهنجي مالگن ساڻ سولهي،
جهالر جهڙ جهڙ جهليو- تيل چڙهيو......

٣- ٻُولو تنهنجو، رائي ساڻ سُولهي،
لـتورو لاڏيلا، ٻُولو تنهنجو رائي ساڻ سولهي،

اهي لوڪ گيت، جن جي ابتدا محبت ۽ پيار جي جذبي مانند ٿي، سي فقط مرد ڳائيندا آهن. جيئن تہ:

● ڍَهُوڪو - هن گيت ۾ عورت پنهنجي پرديس ويل مڙس کي ياد ڪري چوي ٿي تہ مون لاءِ گگر، گلاس، ڏُهري، سائيون، وغيره وٺي اچج. پوءِ وري چوي ٿي تہ هاڻي تہ واهولدا وريا آهن. سگر، پڪا، پيرون جهنگلي ڏٺ ٿيو آهي. نيٺ برسات پيئي، پپون ۽ ڪُنر ٿيو آهي. پلر پاڻيءَ سان تلاءَ ڀريا پيا آهن، تون سگهو موٽي اچ.

هي گيت ڪنهن عورت جو چيل آهي، جو پيهين ۾ ڪم ڪندي، اٺن تي مسافري وقت، ۽ جهنگ ۾ مال چاريندي مرد جوان ڇوڪرا ڳائيندا آهن.

ڍَهُوڪي ماري ڍو، جي ٿي پاجان ڪُرَ ٿي لاجان،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، نگر جائي گگر لائي،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، ولايت جائي گلاس لائي،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، پيپان پَڪيين، ڪُنرَ پڪو،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، سگر پڪا، پيلوُ پڪا،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، سکر جائي وکر لائي،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، روهڙي جائي دوهري لائي،
ڍهوڪي ماري ڍو.
ڍَهُوڪي ماري ڍو، ڪاڇثي جائي سائين لائي،
ڍهوڪي ماري ڍو.

٢- جوڏيا مارُو ڙي، اُمراڻي ري سيرڻي جوڏيا،
ميں ڪلپو روڙيو ڙي.
(اي جوڏيا، عمرڪوٽ جي گهٽين ۾ گهمندي مون اکين ۾ سرمو وڌو آهي.)
٣- جوڏيا مارُو ڙي، اَمراڻي ري واڙيان لان ڏرتي جوڏيا،
منان ڏاوَيو ڀوليو ڙي.
(اي جوڏيا، عمرڪوٽ جي واڙين ۾ ويندي مون کي ڏائي ٻاسي کان تتر ڀوليو آهي.)
٤- جوڏيا مارُو ڙي، ٻاراڻ ري ٻرڀتڙي جوڏيا،
مينان ٻياري لاگي ڙي.
(اي جوڏيا، سنڌ جي محبت مون کي پياري لڳي ٿي.)
٥- جوڏيا مارُو ڙي، ڏورڻي ڏرتي جوڏيا
مينان اباڻو ياد ٻڙي ڙي.
(اي جوڏيا ٻٽ تان لهندي مون کي اباڻو وطن ياد پوي ٿو.)
٦- جوڏيا مارُو ڙي، ڏوريو اُٺ، آنتو ٻوتيو، جوڏيا،
مينان ياد ٻڙي ڙي.
(اي جوڏيا، تنهنجو ڏولرو (اڇي رنگ جو اُٺ) ۽ ڏنگو ٻتڪو مون کي ياد پوي ٿو.)
٧- جوڏيا مارُو ڙي، اَمراڻي ري مارگي جوڏيا،
جهيڻي اُڏي کيهه ڙي.
(اي جوڏيا، عمرڪوٽ جي رستي تي سنهي دز اُڏامي ٿي.)
٨- جوڏا مارُو ڙي، تاهجو اُنڙلو مندو جوڏيا،
هُون پيڙي هلن ڙي.
(اي جوڏيا، تنهنجو اُٺ مندو آهي، آءٌ توسان گڏ هلان ٿي.)
٩- جوڏيا مارُو ڙي، ٻيلوازي ربس ٻيلڻين جوڏيا،
منان ميٺا مارين ڙي.
(اي جوڏيا پيلن جي ٻاري جون پيلڙون مون کي مٺا ڏين ٿيون.)

برسات پوي ٿي، جنهن ڪري سندن ڪپڙا پُسن ٿا. ڳوٺ ڪي وڃهي اچڻ سان پنهنجي پيرڻ ۽ پيٽوئي کي ڌسي ٿي، جي پڻ ۾ هر ٻيا ڏين ۽ ٻج ٻيا ڇٽين. ڳوٺ ۾ اچي پنهنجن مائٽن ۽ سهيلين سان ملي وسڪاري جي خوشي ملهائي ٿي.

وراڻي- اوڏو گهڻي گاج، گهوري جاڙون، ورسارو آيو ڏيس،
(ٻري ڪان گوڙ ٻيڻي ٿئي، اڙي گهوري وڃان جو ملڪ ۾ وسڪارو آيو آهي.)

گهوري جان، چوماسو آيو ڏيس.

١- ورسي پريا لوپا لوپڙين، پريوڙو ڏاڏاڻي رو ڏيس،
(وسي لويا ۽ ترايون پريون آهن ۽ منهنجو ڏاڏاڻو وطن پريو آهي.)

گهوري جان، چوماسو آيو ڏيس.

٢- اُوڏو منڏي ويرا گاسهيڙو، ڏيٺا ٻاڻي ٿان تيڙو جا،
(ادا وڏو گاشيو تيار ڪري پيرڻ کي ڪوٺڻ وڃ.)

گهوري جان، چوماسو آيو ڏيس.

٣- اُوڏو معڏي ويرا گاسيڙو، ٻيڻي چڏ مهاز،
(اٺ تي وڏو سنو گاشيو وجهي مهار کي ڍلي ڇڏ.)

گهوري جان، چوماسو آيو ڏيس.

٤- اولڏين ڪوين ڪنوڻين ري گهوري، جهرمر برسين ميهه،
(ٻري ڪان ڪنوڻيون ٿيون تجلا ڪن ۽ مينهن ٻه ٻيو وسي.)

گهوري جان، چوماسو آيو ڏيس.

٥- ٻيهجي ڪتر هيليشي ري مهار، ٻينو ماهنجي ٻري رو مورهيڙو.
(برسات کان اٺ جي مهار ۽ منهنجي ياءَ جو ڳاڙهو ٻتڪو ٻسي ٿيو آهي.)

گهوري جان چوماسو آيو ڏيس.

اکيا صاحبو سامهون آيو، مالري چاتي ڏڙڪا ڪائي ري،
(اڪيان مڙس سامهون آيو، منهنجي ڇاتي ڏپ کان
ڏڙڪي ٿي.)
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙو هڇڪي....
٢- ڏورو ڦُٽي هاٿ ۾، سيس گونٿاوڻ جائي،
(ڏاڳو ۽ ڦٽي هٿ ۾ کڻي متو ڳوندائڻ وڃي ٿي.)
اکيا صاحبو سامهون آيو، مالري چاتي ڏڙڪا ڪائي ري،
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙو هڇڪي....
٣- آلي پورلو هاٿ ۾ ليلڙي چهپاوڻ جائي،
(آلي پورلو هٿ ۾ کڻي ليلڙي چنبڙائڻ وڃي ٿي.)
اکيا صاحبو سامهون آيو، مالري چاتي ڏڙڪا ڪائي ري،
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙو هڇڪي....
٤- روپي ڪيري چڙوسڙي، سوني ڪيري ڏور.
(رُپي جي چڙهي ۽ سون جي رسي لهيل آهي.)
صاحبا گاگر موريو ڏيئي ڙي،
(اي پنار ٻاٽي پرڻ لاءِ گگر ۽ موريو ڏج.)
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙي هڇڪي....
٥- سهيلين آويل، ساڏ ڪرين هون رَمَتَ رَمَڻ جائون،
(منهنجون سرتيون پيئون سڏ ڪن، آءٌ رالد ڪرڻ وڃان.)
بالم مالرا راجي موڪل ڏيئي ري،
(اي پنار! تون خوشيءَ سان موڪل ڏي.)
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙو هڇڪي....
٦- ننڍيو ويرو، مولو ويرو ميدان تيڙو ميلهي،
(ننڍو ڀاءُ يا وڏو ڀاءُ مون کي ڪوٺڻ لاءِ موڪلج.)
باوا ٿالري ڏيوڙي پرديسڻ هوئي ري،
(اي بابا، تنهنجي ڌيءَ پرديسڻ آهي.)
ويرڻ هڇڪي، هيرولڙو هڇڪي....

سوال- شينهن کي جاما ڀهرائي ڏيو.
جواب- اکري ۾ آما، شينهن ڀهريا جاما.
سوال- شينهن کي سوڙ اوڍائي ڏيو.
جواب- اٽر مان ٽي ڪوڙ، شينهن اوڍي سوڙ.
سوال- شينهن کي پٽ ڪارائي ڏيو.
جواب- روهيءَ تي رت، شينهن ڪاڏو پٽ.
سوال- شينهن کي سمهاري ڏيو.
جواب- سڄ آهي پٺتو، شينهن آهي سُتو.
سوال- شينهن کي مالي ڪارائي ڏيو.
جواب- پٽ ۾ ڪالي، شينهن ڪاڏي مالي.
سوال- سَس نُنهن ۾ وير وجهي ڏيو.
جواب- اکري ۾ ڪير، سس ننهن ۾ ٿيو وير.
سوال- سس ننهن جو سُنيہَ (محبت) ڪرائي ڏيو.
جواب- اکري ۾ لَنيہَ، سس ننهن ۾ ٿيو سنيہ.
سوال- مولهي اٺ ميڙي ڏيو.
جواب- ساڪرو ڏورو سيرڀان، مولهي اٺ ميڙيان.
سوال- ڪوهہ مان ڍيرا ڪيڍي ڏيو.
جواب- ماما ڪاڏا ڦيرا، ڪوهہ مان ڪڍيا ڍيرا.
سوال- سهي کي سون ڪڄڙائي ڏيو.
جواب- آڪ ٻري ڏيو ٻري، سهو ونٿو سون ڪهڙي.
سوال- درياهہ ۾ ٿولهون دڪائي ڏيو.
جواب- ڇلر ڪاٻا آڙي واڙي، ٻچون ڪاٻو سُوٿهون،
ٻاٺي کي جوت لڳي، درياهہ ۾ ٿيو دُولهون.
سوال- سسي ري سالداري لائي، ٻتهاتو ٻاٺي ٻيشارو.
جواب- جو سناٺي سين جوسي هليو، لسام اُٺي رو جيٺو،
سَسي ري تو سالداري لاهو، ٻتهاتو ٻاٺي ٻيٺو.

مولهي اُٺِ = ٻوڙهي ڍاچي. ٽام = ٽالو. اُٺي روڪڻ جو. لابو = آنڊائين. ٻتهاڻو = هلندڙ.

سوال- ريءَ کي رُسائي ڏيو.
جواب- ڏيگڙي ۾ ٻُسي، ريءَ آهي رُسي.
سوال- ڪڪڙ کي ڪاليڇ (ستڙ) ٻهرائي ڏيو.
جواب- اَٽِر لڳي والِڇ، ڪڪڙ ٻهري ڪالِڇ.
سوال- ٻلي ٻُنڍيو ٻهرائي ڏيو.
جواب- چُلهه مٿِ منيو، ٻلي ٻهريو ٻنيو.
سوال- ڏيڏري کي ڏُهي ڏيو.
جواب- سياري ۾ سيءُ مري اولهاري ۾ اُڀان،
لوڙڪي ڪٽي ڇيڪا آڻ، ڏيڏري ٿان ڏوهان.
سوال- ٻلي کي ماڻي ٻياري ڏيو.
جواب- آڏ لَڪڙ، اوڀ لَڪڙ،
لَڪڙ ۾ مُنارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏٺي مُٺ، سامهون آيو اُٺ،
اُٺ کٽي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور هڻي ٿاڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙي تي ڪلو، ماڻي ٻيٺي ٻلو.

● ٻروليون- ٿر جي هندن ۽ لُهاڻن کان سواءِ ٻين سڀني جي ٻولي ڍاٽڪي آهي. لهاڻن ۽ مسلمانن جي ٻولي سنڌي آهي. جيتوڻيڪ هو ڍاٽڪي به سمجهندا آهن ۽ بعضي ڳالهائيندا به آهن، تنهنڪري لموني طور ٿورڙيون ٻروليون ڍاٽڪي ٻولي جون ۽ ڪي سنڌي ٻولي جون هت ڏجن ٿيون:-

١- اَچي چُني اچو ٻيٺ، هلي چُني لڪر ٽيٺ.
٢- وڏو ٻکي لُرڙ، جنهن جي ڇهب آهي ڇُرڙ،
جنهن جو مٿو آهي مُردار، ۽ ڍولي وڏي هٿدار.

٣- آچو قُبو الله جو، جنهن کي دري نڪو در.

٤- سائو جهاڙ، پر پَنن جو ڏڪار،
ڦل آهي سهڻو، جهڙو سوڀاري جو ٻار.

٥- ٽوٽو لَڪڙ ٽَلَهڪي، سارو ڳوٺ ٻَلَهڪي.

٦- رَتيڪي ڇاڙي، رڻ ۾ ٻيائي،
ڇوٻيڙي هَٿني ٻَڙهي چَڪائي.

٧- اِڏِيو ڇوڪرو، سؤ ڏُگلا ڀري، سڀ ڏُگلا آتاري.

٨- اِڏِڪي منڪي راجا نان رَٿاڙي.

٩- رَتو ڏَڀو رنگ ٻريو، آيي ۾ تو جائي،
راجا ٻُڇي راڻي نان، ڪيهو جانور جائي.

١٠- مُسڪ ٻڪيڻي ٻچڙي، نبطان ٻڪيڻي گاء،
مومل ٻُڇي ڙي ميندرا، نت نت ليهي جاء.

١١- چاري جاڻي چيلهه جهلي، ست اُٺي را چاري،
سورهان رو ٻلو لگو، اڃا آڪَٽَن ڪُنواري.

١٢- ڪاري چِڙي ڪَتُولڙي، سڱا لَڪڙ ڪائي،
ٻاڻي ڏيکي ٻچي وري شينهان نان سمهي جائي.

١٣- ڪاري ڪُڪڙي دڪدار، آنا لاهي سڀ هزار.

١٤- اٺ کيرلگهو، ٻاساڙا ٽينجا،
لنون لڳن هڪڙن کي ڪُوڪُون کن ٻيا،
هُو يار ٻيان، جي جر هاربندي ويا.

١٥- ٻدري ٻت ۾ تيل جيڏي ٽَڙائي،
هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، پيئن لوڪ لُگائي،
هيڪ نه پيئي ٻڪيڙو، جيڪي ري چُنهنج ۾ چترائي.

١٦- چار اَٿها، چار ٿنيا، چار ٻِطان نير جهري،
ٻارهان ٻڪان رو ميرگهلو، ڏارو ڏار ٽري.

هيڪ تارو، ٻيجو تارو، ڳنگهن ڇيڪارو،
ڳنگهن ميدان گهوڙو ڏٺو، گهوڙو مين واڙ ۾ ٻڌو،
واڙ ميدان ڪنڊو ڏٺو، ڪنڊو مين چلهي ۾ گهتيو،
چلهي ميدان روٽيو ڏٺو، روٽيو مين سيرڪ ري ٻلي رکيو،
سيرڪ ٻاڻي روليو ڪيٿ، روٽيو اُلڏر لي گيا؛

اُنڌر ڪيٿ - ٻلي ٻينا،
ٻيل ڪيٿ - ٻاڻي پريا،
ٻاڻي ڪيٿ - ٻڙدي ٻيٺو،
ٻڙد ڪيٿ - هرّان ۾ جوتريا،
هرّ ڪيٿ - ٻاجهرين وائين،
ٻاجهرين ڪيٿ - ڪوليان ۾ گهتين،
ڪولين ڪيٿ - ميهه ٻوڙهين،
ميهه ڪيٿ - جيٿ تيٿ.

هيڪ = هڪ. ٻيجو = ٻه. ڇيڪارو = هرڻ، ميدان = مون کي. ڪنتو = ڪنڌو. گهتيو = وڌو. روٽيو = اولو. سيرڪ = سٽوڙ. ڪيٿ = ڪٿي، اُلڏر = ڪُئا. لي گيا = وٺي ويا. ٻيلي = ٻيرَن ۾. ٻڙد = ٻڪا. هرّان = هرّ. جوتريا - ٻڌا، جوٽيا. وائين = ٻوکيون. ڪوليون = ڪُنديون. گهتين = وڌيون. ميهه = برسات. ٻوڙهين = ٻاڙيون جيٿ تيٿ = جتي ڪٿي.

# بيماريون ۽ علاج

ٿر جي تعلقي هيڊ ڪوارٽرن ۾ اڳيئي اسپتالون آهن. ڪن وڏن ڳوٺن ۾ هاڻي کليون آهن، جتي ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊر رهن ٿا؛ باقي ملڪ ۾ ڊاڪٽر ڪونه آهن، لڪي ڪي هوشيار طبيب يا حڪيم وغيره آهن. تنهنڪري ڊاڪٽرن جو فائدو فقط انهن وڏن ڳوٺن جا ماڻهو، سي به پڙهيل ۽ واپاري طبقي وارا وٺن. ٻيا ٿوري گهڻي بيماريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر ڏي ڪونه وڃن. ٻهراڙين جا ماڻهو ته ڊاڪٽر جي ٻاجهي کان به ڀري پڇن. ڪٿي ڪٿي ڪي ڳوٺاڻا حڪيم ۽ ڏاها ماڻهو هوندا آهن، جي رواجي ديسي ڦڪيون سٽيون ڪندا آهن ۽ ڪي رواجي سادا ڏس ڏيندا آهن، جنهن لاءِ ڪابه في يا اڳوات پئسا ڪونه وٺن. فائدي جي حالت ۾ بيمار پنهنجي حال سارو سندن يادگيري ڪري ڇڏيندو آهي. ڦڪين سٽين تي به گهڻو خرچ ڪونه ٿئي، اهي به معمولي شيون هونديون آهن، جي اتيئي لڀيو پون؛ پر گهڻا ماڻهو حڪيم يا ڊاڪٽر جي دوا وٺڻ کان ولڻ ويندا آهن، باقي رواجي ٽوٽڪا ڪندا آهن، جيئن ته:

اونهاري جو ڏينهن جو بخار ٿئي ته چوندا ته گرم هوا (لُوءِ) يعني اُس جي لڳڻ ڪري ٿيو آهي. ان لاءِ بصر جو پاڻي ڪڍي ان ۾ ميٽ ڀسائي ٿورو پاڻي وجهي ٻاهر گرم هوا تي رکي ڇڏين. سڄو ڏينهن اُس ۾ پيو هجي شام جو اهو ميٽ الهي ساڳئي پاڻيءَ ۾ ڳاري سڄي بدن تي ملي ڇڏين. صبح جو اُن وقت سنان ڪن ته بخار ڇڏي وڃي، يا ڪي گرميءَ جي بخار لاءِ مٿي تي ٿڌو پاڻي وجهندا آهن. ڪي ٻڪريءَ جي ڪير جي اَچُ ڪري پيئندا آهن.

سرديءَ جي بخار لاءِ مٿي تي رات جي وقت جانهي جي تيل سان بعضي ٿڌي سان يا ٿورو گرم ڪري مغز تي زور سان تري

**گھوڪو لڳڻ**- جي اڪ تي اوچتو ٽولڻ يا ٻيو ڪو هلڪو ڌڪ لڳي ويو ته چوندا ته گھوڪو لڳو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ ٿورو وقت اک ۾ هلڪو درد محسوس ٿيندو آهي، ۽ اک ٻتي نه سگھبي آهي، ان لاءِ:

(١) اک تي ڪپڙو ڏيئي مٿان ست ٿڌوڪون ڏيئي ٻوءِ چوندا ته هاڻي اک ٻتي نهار. ڪپڙو گرم ڪري ان سان سيڪ ڏيندا.

(٢) ڪجهه ڏاڍيرو ڌڪ هوندو ته چُلهه جي ڪوسي ڪير ڪپڙي ۾ وجهي مٿان ٻڌجي يا ان سان سيڪ ڪندو رهجي.

"ڏڙي" چون. ٻوءِ جي ڪا اهڙي تور ڪرڻي هوندي ته اُن سان ڪندا آهن.

ساهميون، ڪاڻا، ڏڙيون ۽ وٽ وغيره سڀني گهرن ۾ ڪونه هوندا آهن. ڪي ماڻهو، جن کي وڏيڪ ضرورت هوندي آهي، سي ٺاهي رکندا آهن. اوڙي ٻاڙي وارا ضرورت وقت اتان وٺي ڪم ٽپائيندا آهن.

اَن پيرڻ لاءِ چوٽايون، ٻاٽيون ۽ ٽوبا ڪم آڻين. چوٽايون ۽ ٻاٽيون ڪي ڪاٺيءَ مان ۽ ڏوريون لوهه مان ٺهن. باقي ٽوبا لوهه جا ٺهيل هوندا آهن. اڳي اهو رواج عام هو، مگر هاڻي جتي ڪٿي تور جو رواج ٿي ويو آهي ته به گهرن ۾ ڳالون چوٽايون ۽ ٻاليون ان ماپڻ لاءِ ڪم آڻينديون آهن.

برج ٺهيل آهي جو ٻولن آسمان سان ڳالهيون ڪري ٿو. مٺيءَ کان ننگرپارڪر ڏي ويندڙ لاري هتان لنگهي ٿي.

● ڪيرٽي - هي مٺي تعلقي ۾، مٺي شهر کان ١٦ ميل اوڀر طرف آهي. هتي هن وقت اُڪر ۽ مينگهواڙ رهن ٿا. هي اڳي وڏو شهر هو، جتي مڪوانن جي گاديءَ جو هنڌ هو. مشهور ڪيهر مڪوانو هتي رهندو هو، جنهن عمرڪوٽ مان سومرين کنيون هيون، ۽ ٻوءِ همير سومري سان لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. ڳوٺ ۾ جهونا نشان اڃا موجود آهن.

● جنجهي - هي ڇاڇري تعلقي ۾ تعليم جو مکيه مرڪز آهي. ٻهراڙيءَ جي باوجود هتي جي ماڻهن تعليم ۾ چڱي ترقي ڪئي آهي. هتي پرائمري ۽ مڊل اسڪول آهن.

● ٻوريلو - هي ڇاڇري تعلقي ۾ ڇيلهار کان ١٠ ميل اوڀر طرف، ڇاڇري کان مٺي ويندڙ رستي تي آهي. واپار چڱو هلي ٿو. هتي پرائمري اسڪول آهي.

● لُوڻيو - هي مٺي تعلقي ۾، مٺيءَ کان ٥٠ ميل ۽ اسلام ڪوٽ کان ٢٢ ميل اوڀر طرف ننگرپارڪر ڏي ويندڙ لاريءَ رستي تي آهي. هتي سمّا ۽ مينگهواڙ رهن ٿا. سڄي ٿر جي هريجنن مان پهريون مينگهواڙ گريجوئيٽ، سرڳواسي ڪلاچند آسومل جيپال، (سابق هيڊ منشي ننگرپارڪر) هن ڳوٺ جو رهاڪو هو.

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل
# ڪي ٻيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۱. | وهاڻ | ۱۵-۰۰ |
| ۲. | يادگيريون | ۱۵-۰۰ |
| ۳. | ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام | ۱۵-۰۰ |
| ۴. | ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون | ۱۰-۰۰ |
| ۵. | قديم سنڌ | ۳۰-۰۰ |
| ۶. | سومرن جو دؤر | ۲۵-۰۰ |
| ۷. | سچل جو سنيهو | ۱۲-۰۰ |
| ۸. | ديوان بيڪس | ۱۵-۰۰ |
| ۹. | نانڪ يوسف جو ڪلام | ۴۰-۰۰ |
| ۱۰. | ڪچين جا قول | ۲۰-۰۰ |
| ۱۱. | رسالو سچل سرمست (سنڌي) | ۵۰-۰۰ |
| ۱۲. | رسالو سچل سرمست (سرائڪي) | ۵۰-۰۰ |
| ۱۳. | مير محمد معصوم بکري | ۵۰-۰۰ |
| ۱۴. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ۱) | ۴۰-۰۰ |
| ۱۵. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ۲) | ۶۰-۰۰ |
| ۱۶. | تاريخ معصومي | ۵۰-۰۰ |
| ۱۷. | ڪليات خادم | ۱۰-۰۰ |
| ۱۸. | ڪليات حمل | ۵۰-۰۰ |
| ۱۹. | ٽئين مصر جا پراڻا ورق | ۲۵-۰۰ |
| ۲۰. | جنت السنڌ | ۷۰-۰۰ |
| ۲۱. | مشاهير سنڌ (جلد ۱، ۲، ۳) | ۱۲۰-۰۰ |
| ۲۲. | ڪيمياءِ سعادت (جلد ۲) | ۴۰-۰۰ |
| ۲۳. | ڪافيون (جلد ۱) | ۶۰-۰۰ |
| ۲۴. | ڪليات حاجي خان چنجني | ۳۵-۰۰ |